# انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو آئين ۽ منشور

دنيا جا پورهيتو هڪ ٿي وڃو!

# انقلابي ڪميونسٽ پارٽي (RCP) جو آئين ۽ منشور

Menifesto of the

Revolutionary Communist Party

(RCP)

www.marxist.com

www.marxist.pk

Menifesto of the

Revolutionary Communist Party (RCP)

”سيئي حق ۽ واسطا پبلشر وٽ محفوظ آهن“

انقلابي ڪميونسٽ پارٽي (RCP) جو آئين ۽ منشور

سنڌيڪار : مزمل عمر

ڇاپي جو انگ : 500

ڇاپي جي تاريخ : ڊسمبر 2024ع

ڇپائيندڙ : لال سلام پبليڪيشن، خورشيد بلڊنگ، 110 ايبٽ روڊ، لاهور

فون نمبر : 021-36311122

پرنٽر : ياسر عمير

قيمت :

Email: editor@marxist.pk

www.marxist.com

www.marxist.pk

# دستاويز نمبر 1

## پاڪستان ۾ ايندڙ انقلاب جي تياريءَ لاءِ حڪمت عملي

هن وقت عالمي سطح تي سرمائيداراڻو نظام بدترين زوال جو شڪار آهي. هي ناڪاره ۽ عوام دشمن نظام سڄي دنيا کي جنگين، گهرو ويڙهه، بک، بيمارين ۽ تباهيءَ ڏانهن ڌڪي رهيو آهي. ٻئي پاسي هن نظام ۽ ان کي هلائيندڙ حڪمران طبقي خلاف انقلابي تحريڪون ابري رهيون آهن ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ لکين، ڪروڙين ماڻهو سراپا احتجاج آهن. ايندڙ دؤر ۾ اهي انقلابي تحريڪون وڌيڪ تيز ٿينديون ۽ نظام جي خاتمي لاءِ جدوجهد ۾ تيزي اينديون. ٻئي پاسي هن نظام ۾ بهتريءَ جي ڪا به اميد نظر نٿي اچي ۽ نه ئي ويجهي مستقبل ۾ عوام جي ڀلائيءَ لاءِ ڪنهن به قسم جي معاشي بحالي يا وڏي پيماني تي بهتريءَ لاءِ اپاءَ وٺڻ جي ڪا توقع آهي. اها صورتحال حڪمرانن ۽ عوام جي طبقاتي ٽڪراءَ کي اڳتي وڌائيندي ۽ اهو ئي سبب آهي جو ايندڙ دور پوري دنيا ۾ انقلابن جو دؤر هوندو.

تازو بنگلاديش، ڪينيا، سري لنڪا ۽ ٻين ملڪن ۾ عوامي تحريڪون ابريون آهن جن ڏهاڪن کان موجود حڪمرانن جو تختو اونڌو ڪندي لکين ماڻهن انهن انقلابي تحريڪن ذريعي پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. انهن انقلابي تحريڪن سبب سرمائيداراڻي نظام جو خاتمو ته نه ٿي سگهيو ۽ نه وري عوام جا بنيادي مسئلا مڪمل طور حل ٿيا، پر هن نظام جي ناڪامي ۽ ان جي خلاف عوامي بغاوت طبقاتي صف بنديءَ کي واضع ڪري ڇڏيو.

پاڪستان به تاريخ جي بدترين مالي، رياستي، سياسي ۽ سماجي بحران جو شڪار آهي ۽ هر ايندڙ ڏينهن ان بحران جي شدت ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. ان صورتحال ۾ ملڪ جي مختلف حصن ۽ قبضي ڪيل علائقن ۾ به عوامي تحريڪون ابري رهيون آهن، جيڪي ايندڙ

انقلابي تحريڪن جو بنياد آهن. آزاد ڪشمير ۾ بجلي ۽ اٽي جي قيمتن ۾ گهٽتائي لاءِ ڪامياب عوامي تحريڪ ان جو وڏو مثال آهي جنهن علائقي ۾ نئين تاريخ رقم ڪئي آهي. ان تحريڪ ۾ لکين ماڻهن جي شرڪت اها ڳالهه واضع ڪري ڇڏي ته جڏهن عوام منظم ٿي پنهنجي تقدير جا فيصلا پاڻ ڪرڻ لاءِ منظم ٿي ٻاهر نڪري ٿو ته دنيا جي ڪا به فوجي يا رياستي طاقت سندن مقابلي ۾ بيهي نه ٿي سگهي. سيئي رياستي ادارا هوا ۾ اڏامي ويندا آهن ۽ عوامي سمونڊ سڀ ڪجهه لوڙي ڇڏيندو آهي. هن تحريڪ پوري علائقي ۾ انقلابي نوجوانن ۽ پورهيتن کي تمام گهڻو حوصلو ڏنو آهي، جيڪو مستقبل جي تحريڪن ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو.

اهڙيءَ ريت گلگت بلتستان ۾ اٽي جي سبسڊيءَ جي خاتمي خلاف تحريڪ به ڪاميابيءَ جا جهنڊا ڪوڙي هڪ نئين تاريخ رقم ڪئي آهي. ان سان گڏوگڏ بلوچ عوام جي تاريخ جي سڀ کان وڏي عوامي تحريڪ رياست جي بنيادن کي ئي لوڏي ڇڏيو آهي. بلوچ عوامي تحريڪ ۾ ڏورانهن علائقن جي هزارين عورتن جي عملي شرڪت نه رڳو بلوچستان پر سڄي پاڪستان ۾ ٻٽي ظلم ۽ استحصال جي شڪار عورتن جي شموليت جي اهميت کي اجاگر ڪيو آهي. گوادر ۾ ڪجهه سال اڳ مقامي مسئلن خلاف هڪ عوامي تحريڪ اڀري، جنهن سياسي ميدان جا نوان رستا کولي ڇڏيا. اڄ به لکين ماڻهو، غير قانوني طور کنيي گم ڪيل ماڻهن خلاف ۽ جمهوري حقن سميت بين بنيادي مسئلن تي احتجاج ڪري رهيا آهن ۽ هن رياست جي ظلم خلاف بغاوت جو اعلان ڪري رهيا آهن. ان سان گڏ اڳوٽي فاٽا ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ پختونن جي وڏي عوامي تحريڪ آهي، جنهن ۾ لکين ماڻهو دهشتگردي، رياستي جبر جي آڙ ۾ ٽيندڙ وسيلن ۽ دولت جي ڦرلٽ ۽ ٻين بنيادي مسئلن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن.

انهن سيني تحريڪن کان علاوه پورهيتن جون ڪوڙ ساريون تحريڪون موجود آهن. جيڪي اجرتن ۾ واڌ، نجڪاريءَ، پينشن جي خاتمي ۽ ٻين مسئلن جي حوالي سان پوري ملڪ ۾ جاري آهن ۽ انهن

تحريڪن ۾ مختلف وقتن تي لڪين استاد، سرڪاري ملازم ۽ خانگي شعبي جا مزدور شامل ٿيندا رهيا آهن. روايتي يونين اڳواڻن جي لڳاتار خيانت جي نتيجي ۾ عارضي ناڪامي جا دور به اچن ٿا، پر حڪمرانن پاران حملن ۾ شدت اختيار ڪرڻ جي صورت ۾ ڪين ٻيهر ميدان عمل ۾ اچڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو. ايندڙ وقت ۾ اهي تحريڪون وڏنديون جنهن ۾ نئين ويڙهاڪ قيادت اڀرندي، اهڙا ليڊر سامهون ايندا جيڪي سڄي ملڪ جي سياست ئي بدلائي ڇڏيندا.

ان ڪان علاوه يونيورسٽين ۽ خانگي تعليمي ادارن ۾ روزانو فيسن ۾ واڌ سميت بيروزگاريءَ ۽ ٻين مسئلن خلاف به نوجوانن ۽ شاگردن ۾ سخت ڪاوڙ آهي. خاص طور تي روايتي سياست ۽ اسٽيبلشمينٽ خلاف سخت ڪاوڙ آهي ۽ رياست جي ادارن تي اعتماد ۽ ان جي نام نهاد نظرياتي پروپيگنڊا تي يقين ختم ٿي چڪو آهي. مستقبل ۾ اها ڪاوڙ فيسن ۾ واڌ سميت ٻين ننڍن وڏن مسئلن سان گڏ بجليءَ جهڙن سماجي مسئلن تي به وڏو ممڻ مچي سگهي ٿو. آزاد ڪشمير ۾ بجليءَ جي بلن خلاف تحريڪ، گلگت بلتستان ۾ اٽي جي سبسڊيءَ جي خاتمي ۽ ٻين جمهوري مطالبن جي لاءِ تحريڪون ۽ بلوچ تحريڪ ۾ شاگردن ۽ نوجوانن جو ڀرپور ڪردار نظر آيو. خاص ڪري اسڪولن ۽ ڪاليجن جا شاگرد مستقبل ۾ انهن تحريڪن ۾ وڌي چڙهي پنهنجو ڪردار ادا ڪندي نظر ايندا.

ان سموري صورتحال ۾ جتي ملڪ جي مالي بحران جي شدت ۾ واڌارو ٿيندو، سامراجي قوتن جي ڦرلٽ ۾ تيزي ايندي ۽ رياستي جبر وڌندو، اتي ان ڳالهه جو چٽو امڪان آهي ته هي سماج هڪ انقلابي صورتحال ۾ داخل ٿي ويندو ۽ حڪمران طبقي ۽ هن سرمائيداراڻي نظام جي خلاف هڪ انقلابي تحريڪ اڀرندي. اهڙي صورتحال ۾ هتي ڪا به سياسي پارٽي موجود ناهي جنهن تي عوام ڪنهن انقلابي تحريڪ جي اڳواڻ طور يقين ڪري سگهي ۽ نه ئي ڪا اهڙي سياسي قوت موجود آهي جيڪا انهن تحريڪن کي متحد ڪري نظام جي خاتمي لاءِ جدوجهد کي اڳتي وڌائي سگهي. هن وقت سياسي آسمان تي موجود

سموريون سياسي پارٽيون حڪمران طبقي جي مختلف گروهن جي نمائندگي ڪري رهيون آهن ۽ عوام جي مسئلن سان انهن جو پري پري تائين ڪو به واسطو ڪونهي.

ٻئي پاسي عوامي تحريڪن ۾ حادثاتي طور اڀرندڙ قيادتون، شروع ۾ تحريڪن کي نوان حوصلا ۽ جرئت بخشينديون آهن، پر ڪجهه وقت کان پوءِ ماضيءَ جي بيڪار خيالن جي ور چڙهي، انهن تحريڪن جي راهه ۾ رنڊڪ بڻجي پونديون آهن. انقلابي تحريڪ کي منظم ڪرڻ لاءِ انقلابي نظرين جي ضرورت آهي. هن وقت سرمائيداراڻي نظام خلاف بنا ڪنهن مصلحت پسنديءَ جي ويڙهه شروع ڪرڻ جي ضرورت آهي، پر هن وقت سماج ۾ اهڙن نظرين جي کوٽ محسوس ڪئي پئي وڃي. سماج جي مٿان حاوي دانش ڪان وٺي مختلف مزدور، شاگرد ۽ عوامي تحريڪن جي قيادت هن نظام ۽ حڪمرانن جي پاران تاقيل نظرين جي اثر هيٺ آهي ۽ سوشلسٽ انقلاب تي يقين نٿا رکن.

اهڙيءَ صورتحال ۾ انقلابي ڪميونسٽن جي اها ذميواري آهي تہ اڳتي وڌي هن تاريخي فرض کي پورو ڪن ۽ ڪميونزم جي نظريي هيٺ هڪ انقلابي پارٽيءَ کي منظم ڪن ۽ عوام جي وسيع  پرتن جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪن. ان عمل جي راهه ۾ جيڪي بہ رڪاوٽون اچن ٿيون، انهن کي نظريي جي پختگيءَ ۽ انقلابي حوصلي سان ئي اورانگهي سگهجي ٿو ۽ هڪ اهڙي پارٽي ٺاهي سگهجي ٿي، جيڪا ڪميونزم جي نظرياتي ڪيڊرن (تربيت يافته ڪارڪن) تي مشتمل هجي، جيڪا ايندڙ وقت ۾ اٿندڙ تحريڪن ۾ ڪردار ادا ڪندي ان کي نظام جي خاتمي جي جدوجهد ڏانهن ڪاميابيءَ ساڻ وٺي وڃي سگهي. ان ڪري هتي انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو قيام وقت جي اهم ضرورت بڻجي ويو آهي ۽ ان کي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائيندي، سماج جي انقلابي، دلير ۽ ويڙهاڪ ماڻهن کي منظم ڪندي سوشلسٽ انقلاب لاءِ جدوجهد کي تيز ڪرڻ جي ضرورت آهي.

# عالمي سرمائيداريءَ جو بحران ۽ پاڪستان

هن وقت پوري دنيا سرمائيداراڻي نظام جي زوال جي تباهيءَ جو شڪار آهي. عالمي معيشت  لڳاتار لاٽ جو شڪار آهي ۽ ايندڙ دور ۾ وڏيڪ بحرانن (Recession) جي اڳڪتي ڪئي پئي وڃي. ان ڪانسواءِ هن ڪساد بازاريءَ جا ڊپريشن ۾ تبديل ٿيڻ جا امڪان آهن، جنهن جو مطلب اهو ٿيندو ته سڄي دنيا جي معيشت هڪ اونهي کاهيءَ ۾ وڃي ڪرندي يعني عالمي معيشت مڪمل تباهه ٿيڻ جا امڪان آهن. هن مالياتي بحران دنيا جي ترقي يافته سرمائيدار ملڪن جا بنياد لوڏي ڇڏيا آهن. آمريڪي سامراج، جيڪو دنيا جي سڀ کان وڏي معاشي طاقت آهي، هن وقت سخت بحران جو شڪار آهي، جنهن سبب سڄي دنيا ۾ ان جي سامراجي طاقت به نسبتاً ڪمزور ٿي چڪي آهي. جيڪڏهن اسان هڪ يا ٻه ڏهاڪا اڳ جي آمريڪي سامراج جي ان جي موجوده صورتحال سان ڀيٽ ڪريون ته اها ڳالهه واضح ٿي پئي ٿي ته بين الاقوامي لاڳاپن تي سندس گرفت ڪافي ڪمزور ٿي آهي.

هن صديءَ جي شروعات ۾ آمريڪي سامراج، عراق ۽ افغانستان جهڙن ڏورانهن ملڪن ۾ سامراجي جنگيون مڙهيندي پنهنجي سامراجي منصوبن کي پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجي اتحادين سان گڏ لکين فوجي ۽ وڏي پيماني تي هٿيار انهن ملڪن ڏانهن موڪليا، پر اڄ هو انهن سامراجي جنگين ۾ شڪست کائڻ سان گڏ سخت جاني نقصان به برداشت ڪري چڪو آهي. اڄ هن وٽ اڳ جهڙي اها صلاحيت نه رهي آهي ته هو يوڪرين ۽ اسرائيل سميت ڪنهن به اتحادي ملڪ ڏانهن سڌو سنئون فوج موڪلي سگهي. اها صورتحال يورپ جي سمورن سامراجي ملڪن جي به آهي. برطانيه، جرمني، فرانس، اٽلي ۽ ٻيا ملڪ به بدترين مالي بحران جو شڪار آهن ۽ عالمي لاڳاپن ۾ انهن جو سامراجي اثر گهٽبو پيو وڃي.

ان دوران سڄي دنيا ۾ بين عالمي ۽ علائقائي سامراجي قوتن کي آمريڪي سامراج جي ڇڏيل خلا سبب پوري دنيا ۾ اسرڻ جو موقعو

مليو آهي، جن ۾ چين ۽ روس اڳيرا آهن. چين ۽ روس نہ رڳو سرمائيدار ملڪ آهن، پر انهن جا مختلف خطن ۾ سامراجي مفاد بہ آهن. جيڪي آمريڪا ۽ ان جي اتحادين سان بہ ٽڪراءَ ۾ رهيا آهن. عالمي سرمائيداريءَ جي زوال جا اثر چين ۽ روس تي بہ پئجي رهيا آهن ۽ انهن جون معيشتون بہ ساڳين بحرانن جي ور چڙهيل آهن. خاص طور تي، چين جي معيشت جي ترقيءَ جي شرح گذريل ڪيترن ئي سالن کان لڳاتار گهٽجي رهي آهي ۽ اتي به بيروزگاري ۽ مزدورن جي هڙتالن ۾ واڌارو نظر ٿو اچي. اها صورتحال چين جي سامراجي مفادن جي پورائي ۾ بہ رڪاوٽ بڻيل آهي ۽ هو عالمي لاڳاپن ۾ آمريڪا يا يورپ جي جاءِ وٺڻ جي قابل ناهي. روس فقط پنهنجي سرحدن جي ويجهو پنهنجو سامراجي اثر برقرار رکڻ چاهي ٿو ۽ نہ يورپ يا باقي دنيا جو حامي بڻجڻ چاهي ٿو ۽ نہ ئي پنهنجي موجوده سرمائيداراڻي بنيادن تي ائين ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. روس جو پنهنجو بحرانن جي ور چڙهيل سرمائيداري نظام ان کي يورپ يا باقي دنيا لاءِ ٿاڻيدار بڻجڻ جي به اجازت نٿو ڏئي.

انهن حالتن طاقت جي عالمي توازن کي بدلائي ڇڏيو آهي ۽ سڄي دنيا مختلف سامراجي طاقتن جي وچ ۾ ٽڪراءَ، جنگين ۽ گهرو ويڙهہ جي نئين دور ۾ داخل ٿي چڪي آهي. اها صورتحال مختلف ملڪن جي معيشتن، سياست ۽ رياستي بحرانن تي بہ اثر انداز ٿي رهي آهي ۽ هر سماج هن نئين دور جا اثر واضع طور تي محسوس ڪري رهيو آهي.

گذريل صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ سڄي دنيا ۾ سرمائيدار ۽ سامراجي طاقتن فتح جو جشن ملهايو ۽ "تاريخ جي پڄاڻيءَ" جو اعلان ڪيو. سندن چوڻ موجب هاڻي دنيا ۾ سرمائيداراڻو نظام هميشه لاءِ قائم رهندو. اقتدار جي نشي ۾ بدمست هاٿيءَ وانگر آمريڪي سامراج ۽ ان جي اتحادين سڄي دنيا تي پنهنجو راڄ مسلط ڪيو آهي. انهن سابقه منصوبابند رياستن خاص ڪري چين جي مارڪيٽن تائين پهچ حاصل ڪري عارضي مدد پڻ حاصل ڪئي. ان

دوران معيشت ۾ بہ سطحي اضافو ڏنو ويو، جڏهن تہ عراق ۽ افغانستان ۾ سامراجي جنگيون بہ مڙهيون ويون.

پر فتح جو اهو جشن گهڻو وقت هلي نہ سگهيو ۽ سرمائيداريءَ جا سمورا تضاد 2008ع ۾ منظر عام تي آيا. هڪ بدترين مالي بحران آمريڪا کان شروع ٿيو ۽ سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويو. 300 ارب ڊالرن جي ماليت رکندڙ آمريڪي بينڪ ليهمن برادرز سميت وڏين وڏين ڪمپنين جو ڏيوالو نڪري ويو ۽ دنيا جون ڪيتريون ئي ننڍيون معيشتون جن ۾ يورپ بہ شامل آهي، ڏيوالپڻي جي ڪناري پهتيون. ان کان علاوه انهن بئنڪن ۽ ڪمپنين کي رياستن طرفان ماڻهن جي ٽيڪس جي پئسن مان هزارين ارب ڊالرن جا بيل آئوٽ پئڪيجز ڏنا ويا. ان دوران وياج جي شرح ۾ گهٽتائيءَ جو عمل بہ شروع ٿيو، جيڪو آهستي آهستي ٻڙيءَ تائين پهچڻ سان گڏ ڪيترن ئي هنڌن تي ڪاٽو (منفي) ٿي ويو. اها انساني تاريخ ۾ گهٽ ۾ گهٽ وياج جي شرح هئي جنهن جو مقصد قرض ذريعي معيشت کي هٿي ڏيڻ هو.

ان بحران جا اثر سڄي دنيا جي سياست تي بہ مرتب ٿيا آهن ۽ 2011ع جي عرب انقلابن کان پوءِ سڄي دنيا ۾ وال اسٽريٽ تي ”قبضو ڪريو“ ۽ ٻيون عوامي تحريڪون اڀري آيون جن سياست کي مڪمل طور تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ساڳئي وقت، يونان جي مالي ڏيوالپڻي يورپ ۾ بہ عوامي تحريڪن ۽ ڪاٻيءَ ڌر جي قوتن جو اقتدار ۾ اچڻ جو سلسلو شروع ٿيو.

ان عمل سان آمريڪي سياست ۾ بہ وڏيون تبديليون آيون ۽ 2017ع ۾ ٽرمپ اقتدار ۾ آيو. جيڪو پڻ بحران جي شدت جو اظهار هو ۽ ٽرمپ نظام ۾ موجود تضادن کي وڌيڪ پڙڪائڻ جو سبب بڻيو. هن چين سان واپاري جنگ سميت مختلف محاذن تي اهڙا قدم کنيا جن نظام جي بحران جي شدت کي گهٽائڻ بدران وڌائي ڇڏيو.

ڪورونا جي وبا سڄي دنيا ۾ هن نظام جي ڪمزور بنيادن ۽ زوال کي بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي. هڪ طرف آمريڪا ۽ يورپ ۾ لکين ماڻهو ان بيماريءَ سبب مري ويا ۽ هر سائنسي ترقي ۽ دولت گڏ ڪرڻ جي باوجود انهن ملڪن جا حڪمران طبقا انهن لکين ماڻهن کي مرڻ کان بچائي نہ سگهيا. صرف آمريڪا ۾ 12 لک کان وڌيڪ ماڻهو مري ويا، جن مان ڪيترن کي وقت تي وينٽيليٽر مهيا نہ ڪيو ويو. دنيا جي سڀ کان وڏي معاشي ۽ فوجي طاقت جي اها حالت آهي، جيڪا پنهنجي عوام کي صحت جون سهولتون مهيا نہ ڪري سگهي. ان دوران مالياتي بحران بہ شدت اختيار ڪري ويو ۽ معيشت کي قابو ۾ رکڻ لاءِ تاريخ جا سڀ کان وڏا رياستي قرض حاصل ڪيا ويا ۽ آمريڪا، يورپ سميت سڄي دنيا ۾ نوٽن جي ڇپائيءَ ذريعي معيشت کي ڌڪيو ويو. هن وقت آمريڪا سميت دنيا جون سموريون معيشتون قرضن جون تاريخي حدون پار ڪري چڪيون آهن. آمريڪا تي هن وقت تي اٽڪل 35 ٽريلين ڊالر جو قرض آهي، جيڪو ان جي ڪل GDP جو 122.3 سيڪڙو آهي. اهو تناسب 2009ع کان 2024ع تائين ٻيڻو ٿي چڪو آهي. برطانيہ تي ان جي جي ڊي پي جو 100.5 سيڪڙو قرض آهي جنهن جي قيمت 2.537 ٽريلين پائونڊ ٿئي ٿي. جاپان جي جي ڊي پي ۽ قرض جو تناسب سڀ کان وڌيڪ 257.5 سيڪڙو آهي. اها ئي صورتحال ٻين ترقي يافتہ ملڪن ۾ بہ آهي.

وياج جي گهٽ شرح ۽ وڏي پئماني تي قرضن جي جاري ٿيڻ جي ڪري انهن قرضن ۾ ٻڏل معيشتن ۾ گذريل ڪجهہ سالن ۾ مهانگائيءَ ۾ اضافو اٽڪر هو ۽ مهنگائيءَ جي لهر سڄي دنيا ۾ تباهي مچائڻ شروع ڪئي هئي. ان دوران، آمريڪا ۾ مهنگائي 2022ع ۾ 9.1 سيڪڙو جي بلند ترين سطح تي پهچي وئي جيڪا پوئين چئن ڏهاڪن ۾ سڀ کان وڌيڪ هئي. ٻين ملڪن ۾ بہ اها ئي صورتحال هئي. برطانيا ۾ 2022ع ۾ مهانگائيءَ جي شرح 9.2 سيڪڙو هئي، جڏهن تہ کاڌي پيتي جي شين تي مهانگائي 19.1 سيڪڙو تائين پهچي وئي جيڪا به گذريل چئن ڏهاڪن ۾ سڀ کان وڌيڪ هئي.

ان مهانگائيءَ کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ وياج جي شرح وڌائڻ جو عمل شروع ڪيو ويو، جنهن سبب معاشي ترقي مسلسل زوال جو شڪار ٿيندي رهي ۽ ان دوران بيروزگاري پڻ وڌي وئي. ٻئي طرف سمورن ترقي يافته ملڪن ۾ مزدور تحريڪ ۾ زور ورتو ۽ عام هڙتالون، احتجاج ۽ اجرت وڌائڻ جون ڪوششون هر طرف وڌنديون نظر آيون. فرانس ۾ گذريل سال عام هڙتال ۾ 35 لک مزدورن شرڪت ڪئي، جڏهن ته ٻيون ٻه ڪيتريون ئي عام هڙتالون ۽ احتجاج جاري رهيا. اهڙيءَ ريت هڙتالن ۽ احتجاجن جو سلسلو برطانيه، جرمني، اسپين، اٽلي ۽ ٻين ترقي يافته ملڪن ۾ به پکڙجي ويو. آمريڪا ۾ وڏي عرصي کان پوءِ مزدور يونين جي سرگرمين ۽ هڙتالن جو سلسلو شروع ٿيو ۽ اڃا تائين جاري آهي.

انهيءَ صورتحال جا اثر سيني ملڪن جي سياست تي به پيا ۽ انتهائي ساڄي ۽ کاٻي پاسي نوان لاڙا پيدا ٿيا. ڍاڪن ۽ ڪيترين ئي هنڌن تي صديون پراڻيون پارٽيون ٽٽنديون ۽ زوال پذير ٿينديون نظر آيون، ۽ هر جاءِ تي انهن سياسي لاڙن کي مقبوليت حاصل ٿي، جن حڪمران طبقي جي پاليسين تي وڏيڪ زور سان حملو ڪيو، چاهي ساڄي ڌر جي هجي يا کاٻي ڌر جي.

اڄ به عالمي مالياتي بحران ۾ گهٽتائي نه اچي سگهي آهي پر آمريڪا ۾ معاشي بحران جي اچڻ جي امڪانن تي بحث ڪيو ٿو وڃي. اسٽاڪ هر هنڌ مسلسل زوال ۾ آهن ۽ وڏين ڪمپنين جا شيئر آهستي آهستي گهٽجي رهيا آهن. اهو عمل سڌي لڪير ۾ موجود نه آهي پر ان جو عام لاڙو زوال طرف آهي. ايندڙ دور ۾ وڏن مالي بحرانن جا امڪان آهن جيڪي سڄي دنيا کي متاثر ڪندا.

سرمائيداريءَ جو بحران دراصل ضرورت کان وڌيڪ پيداوار جو بحران آهي جنهن جي وضاحت مارڪس ۽ اينگلس ڏيڍ صدي اڳ پنهنجي لکڻين ۾ ڪئي هئي. اڄوڪي دور ۾ اهو بحران پاڻ کي وڌيڪ پيداواري صلاحيت جي بحران جي صورت ۾ ظاهر ڪري ٿو.

سرمائيداري ڪڏهن بہ پنهنجن تضادن کي مڪمل طور تي حل نہ ٿي ڪري سگهي، جيڪي هن جي پيدائش ۾ موجود هئا، ۽ اهي تضاد صرف سوشلسٽ انقلاب جي ذريعي سرمائيداريءَ کي ختم ڪرڻ سان ئي حل ٿي سگهن ٿا. سستي يا مهانگي قرض ونڻ، عالمي واپار جي ڦهلاءَ ، حڪومتي خرچن ۾ واڌ يا گهٽتائي ۽ ٻيا قدم عارضي طور تي انهن بحرانن کي ٽاري ته سگهن ٿا پر انهن تي ضابطو نٿا آڻي سگهن. جلد يا دير سان اهي پاڻ کي مٿاڇري تي ظاهر ڪن ٿا ۽ سڄو سماج انهن جي ور چڙهيو وڃي. هي عالمي سطح تي بحرانن جا دور انهن بنيادي تضادن جو اظهار آهي  جيڪي هڪ ڊگهي وقت کان مٿاڇري هينان پچي رهيا هئا.

## سامراجي جنگيون

عالمي مالياتي بحران ۽ طاقت جي بدلجندڙ توازن جنگين ۽ گهرو ويڙهہ جي نوعيت کي بہ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. عالمي لاڳاپن تي آمريڪي سامراج جي پڪڙ پهرين کان وڌيڪ ڪمزور ٿيندي پئي وڃي. ٻئي طرف پنهنجي سخت مالي ۽ سياسي بحران ۽ خود آمريڪا ۾ جنگ مخالف جذبن جي وسيع موجودگيءَ سبب، اُن ۾ اها صلاحيت نہ رهي آهي ته هو مختلف ملڪن ۾ پنهنجي سامراجي عزائم جي بچاءَ لاءِ سڌو سنئون فوج موڪلي. ساڳئي وقت مختلف علائقا پنهنجي حڪمران طبقن جي تضادن ۽ نظام جي زوال جي ڪري نون تڪرارن ۽ جنگين جي ور چڙهيل آهن.

هن وقت سڀ کان وڏو ظلم فلسطين ۾ نظر اچي رهيو آهي، جتي صيهوني ۽ سامراجي رياست اسرائيل هڪ سال کان غزه جي پٽيءَ ۾ رهندڙ 20 لک کان وڌيڪ ماڻهن تي باهہ ۽ ڏڪار مڙهي ڇڏيو آهي. 40 هزار کان وڌيڪ فوتگيون ٿي چڪيون آهن جڏهن تہ زخمين جو انگ لکن ۾ آهي. سمورا شهر اجڙي ويا آهن ۽ سڄي آبادي بک، بيمارين ۽ خونريزيءَ جي دلدل ۾ ڌڪي وئي آهي. ٻارن ۽ عورتن تي تمام گهڻو ظلم ڪيو ويو آهي، ايستائين جو اسپتالن کي بہ نہ ڇڏيو ويو آهي ۽ اتي

بمباري ۽ فوجي ڪارروايون ڪيون ويون آهن. ان سڄي بربريت کي آمريڪي سامراج ۽ ٻين يورپي سامراجي طاقتن جي حمايت حاصل آهي. اسرائيل اهو سڀ ڪجهه پنهنجي مالي، فوجي ۽ سفارتي مدد کان سواءِ ڪڏهن به نه ڪري سگهي ها. ان دوران عرب ملڪن جي حڪمرانن جي خاموشيءَ به اسرائيل جي ڀرپور حمايت ڪئي آهي. سڄي خطي جا پورهيت عوام ان ظلم خلاف سراپا احتجاج آهن ۽ لکين ماڻهن جي عام هڙتالن ۽ احتجاجن ذريعي فلسطينين سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو آهي. پر انهن ملڪن جا حڪمران آمريڪي سامراج جا ڪٺ پتلي آهن ۽ پردي پٺيان اسرائيل جي حمايت ڪن ٿا. ان صورتحال ۾ سڄو خطو نون تڪرارن ۽ جنگين ڏانهن وڌي رهيو آهي. اسرائيل جنگ کي لڳاتار لبنان، يمن ۽ پوءِ ايران تائين پکيڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ايران جي حڪمرانن ڪجهه انتقامي قدم کنيا آهن، پر اهي اجا تائين پنهنجن دعوائن تي قائم نه آهن. اهي شروع کان ئي اسرائيل جي عبرتناڪ شڪست جو نعرو هڻي رهيا هئا ۽ ساڳئي وقت بيروني دشمن جي خوف کان عوام تي ظلم ڪري رهيا هئا، پر هاڻي فيصلي واري وقت تي سندن جي مزاحمت اسرائيل جي جارحيت آڏو ڪمزور ٿيندي پئي وڃي. ايران جي عوام کي ملا اشرافيه کان سخت نفرت آهي اتي پڻ، گذريل سالن ۾ لکين  عوامي تحريڪون ڪيترائي ڀيرا اڀري چڪيون آهن.

اِها سموري صورتحال سڄي خطي کي انقلابن ڏانهن ڌڪي رهي آهي، جتي جنگين ۽ گهرو ويڙهه جي هڪ مڪمل سيريز جا ڪافي امڪان موجود آهن. اهي انقلاب 2011ع واري عرب بهار کان به وڌي پيماني تي ايندا ۽ سڄي علائقي جي سياست کي مڪمل طور تبديل ڪري ڇڏيندا. اسرائيل جي حڪمرانن جي وچ ۾ تضاد به شدت اختيار ڪري رهيا آهن ۽ نيتن ياهو تي به جنگ ختم ڪرڻ لاءِ سخت دٻاءُ آهي. اها سموري صورتحال اسرائيل جي مصنوعي ۽ سامراجي ڪٺ پتلي رياست لاءِ فيصلو ڪندڙ لمحن جي ويجهو اچي رهي آهي.

ٻئي طرف مغربي ملڪن جي عوام پاران فلسطين جي عوام سان ڀرپور يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيو ويو آهي. لنڊن ۾ ڏهه لک کان وڌيڪ ماڻهن فلسطين سان يڪجهتيءَ لاءِ ڪيترائي احتجاج ڪيا آهن. اهڙيءَ ريت آمريڪا، ڪئناڊا، فرانس، جرمني ۽ آسٽريليا جي لکين ماڻهن خاص ڪري شاگردن فلسطين جي عوام سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيو آهي ۽ پنهنجي ملڪن جي حڪمرانن تي دٻاءُ وڌو آهي ته هو اسرائيل جي هر قسم جي رسد ۽ امداد بند ڪن ۽ ان تي جنگي ڏوهن جا مقدما هلائين. ان تحريڪ ۾ ڪاٻي ڌر جي ڪارڪنن اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

فلسطين جي آزادي به خطي ۾ سوشلسٽ انقلاب ذريعي ئي ممڪن آهي. اسرائيلي سرمائيدار رياست جو تختو اونڌو ڪري سوشلسٽ انقلاب قائم ڪري ئي فلسطينين کي آزادي ملي سگهي ٿي. سڄي وچ اوڀر ۾ سوشلسٽ فيڊريشن ئي انهن سڀني جنگين ۽ گهرو ويڙهه جو آخري حل آهي جيڪا سامراجي طاقتن جي ڪٺ پتلي حڪمرانن کي ختم ڪري سگهي ٿي.

اهڙيءَ ريت، يوڪرين ۽ روس جي وچ ۾ جنگ ختم ٿيڻ بدران ڊگهي ٿيندي پئي وڃي جيڪا هاڻي ان جي چوٿين سال ۾ داخل ٿيندي نظر اچي پئي. يوڪرين آمريڪا ۽ نيٽو جي پراڪسيءَ جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ۽ يوڪرين جا لکين ماڻهو انهن مغربي سامراجي طاقتن جي سامراجي مفادن جي ور چڙهي رهيا آهن. آباديءَ جو وڏو حصو ملڪ مان لڏپلاڻ تي مجبور ٿي پيو آهي، جڏهن ته فوتين ۽ زخمين جو انگ به ٻه لک کان وڌي ويو آهي. هن جنگ ۾ آمريڪي سامراج جو مقصد خطي ۾ روس جو اثر گهٽائڻ ۽ ان جي معاشي طاقت کي ڪمزور ڪرڻ هو. پر هينئر تائين سندس جو هڪ به مقصد حاصل نه ٿي سگهيو آهي. ٻئي طرف روس به خطي ۾ پنهنجي سامراجي مفادن لاءِ جنگ وڙهي رهيو آهي ۽ پنهنجي پاڙيسري ملڪن کي نيٽو ۾ شامل ٿيڻ جي اجازت نٿو ڏئي. ان جنگ سبب يورپ سميت سڄي دنيا ۾ روس جي گئس ۽ يوڪرين جي ڪڻڪ سميت مختلف شين جي سپلاءِ متاثر ٿي آهي ۽ عالمي معيشت جو بحران اڃا به وڌي ويو آهي.

ان ڪانسواءِ آمريڪا به سڌيءَ ريت چين سان ٽڪراءَ ڪي هٿي ڏئي رهيو آهي. تائيوان واري معاملي تي آمريڪا طرفان اشتعال جاري آهي، جڏهن ته چين به خطي ۾ پنهنجي سامراجي مقصدن کي محفوظ بڻائڻ لاءِ تياريون ڪري رهيو آهي. ڏورانهين اوڀر جا سمورا ملڪ جنگ جي حالت ڏانهن وڌي رهيا آهن ۽ هٿيارن جي ڊوڙ پوري زور تي آهي. جاپان، ڏکڻ ۽ اتر ڪوريا، فلپائن ۽ تائيوان پاڻ هن خطي ۾ جنگ جي تياري ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن اها جنگ لڳي ته ان ڳالهه جو به امڪان آهي ته آمريڪا ۽ چيني جهازن جو هڪ ٻئي سان مقابلو ٿيندو، جيتوڻيڪ ٻئي سامراجي طاقتون ان کان بچڻ جي ڪوشش ڪنديون. آمريڪا جي صدارتي چونڊن سميت ٻين ملڪن ۾ سياسي تبديلين، مالي بحرانن ۽ انقلابي تحريڪن جا ان صورتحال تي اهم اثر پوندا ۽ هي خطو به وڏين تبديلين مان گذرندو.

ڏکڻ ايشيا به اهڙن وڏن واقعن کان متاثر آهي. بنگلاديش ۽ سريلنڪا ۾ انقلابي تحريڪن هڪ نئين دور جي آمد جو اعلان ڪيو آهي ۽ هندستان سميت خطي جي ٻين ملڪن جو مستقبل به ساڳيو ئي آهي. بنگلاديش جي انقلابي تحريڪ جتي شيخ حسينه جي پندرهن سالن جي آمرانه حڪومت جو خاتمو ڪيو، اتي خطي ۾ هندستان جي سامراجي اثر خلاف به بغاوت جو آواز بلند ڪيو. شيخ حسينه موديءَ جي ڪٺ پتليءَ جو ڪردار ادا ڪري رهي هئي ۽ پنهنجي ملڪ ۾ عوامي تحريڪ تي بدترين انداز ۾ موديءَ جي طريقي وانگر ظلم ڪري رهي هئي. هڪ دور ۾ عوامي ليگ کي عوام دشمن رجعت پسند ۽ بنياد پرست قوتن خلاف عوامي حمايت حاصل هئي ۽ 2008ع ۾ عوام ان کي نجات ڏياريندڙ طور ڏٺو. پر هن نظام جي حدن ۾ رهندي ان جو انجام سيني جي سامهون آهي. هاڻي بنگلاديش جو سرمائيدار طبقو اسلامي بنياد پرستي، ساڄي ڌر جي بي اين پي ۽ سي کان وڌيڪ آمريڪي سامراج جي آشيرواد حاصل ڪري مزدورن جو استحصال جاري رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ان تحريڪ آمريڪي سامراج سميت خطي جي سمورن ملڪن جي حڪمران طبقن کي خوفزده ڪري ڇڏيو هو ۽ شيخ

حسينہ سان سخت اختلافن جي باوجود، هو طاقت ذريعي تحريڪ کي ڪچلڻ جي حمايت ڪري رهيو هو. ڪنهن بہ جاءِ تي عوامي تحريڪن ذريعي حڪومت جي تبديلي سڄي دنيا جي حڪمرانن کي لوڏي ڇڏيندي آهي ۽ اهي حڪمران اهڙن موقعن تي طبقاتي مفادن جي آڌار تي دشمن کي به بچائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

ٻئي طرف مزدورن جي هڙتالن ۽ احتجاجن جو هڪ ڊگهو سلسلو شروع ٿي ويو آهي ۽ پورهيت ڪارخانن تي قبضو ڪري رهيا آهن. ٻين لفظن ۾، طبقاتي تڪرار شدت اختيار ڪري چڪو آهي. جيڪڏهن ان وقت ڪا انقلابي ڪميونسٽ پارٽي هجي ها تہ پورهيت تحريڪ گهڻو ڪجھ حاصل ڪري سگهي ها. ان صورتحال سبب خطي ۾ طاقت جو توازن بہ بگڙي ويو آهي ۽ هندستان جو دائرو نہ رڳو محدود ٿي پيو آهي پر هن تحريڪ اولھ بنگال جي حڪومت خلاف هڪ نئين تحريڪ کي جنم ڏنو آهي. ان جو اثر ميانمار ۾ جاري پراڪسي ويڙھ تي بہ پيو آهي. خليج بنگال ۽ هندي سمنڊ ۾ هندستان-چين تڪرار اڳي ئي هو ۽ ٻئي ملڪ پنهنجو سامراجي اثر وڌائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا هئا. سريلنڪا ۾ عوامي تحريڪ کان پوءِ چين جو اثر نسبتاً گهٽجي ويو. پر اها صورتحال پائيدار نہ آهي ۽ خطي ۾ وڏيڪ وڏا واقعا پيش اچڻ ۽ ڊرامائي تبديليون اچي سگهن ٿيون.

## پاڪستان تي اثر

عالمي سطح تي ۽ خطي ۾ جيڪي بہ تبديليون اچي رهيون آهن ان جا پاڪستان جي سماجي ۽ سياسي صورتحال تي گهرا اثر پيا آهن. عالمي سطح تي آمريڪا ۽ چين تڪرار اڳي ئي پاڪستان جي رياستي ۽ مالي بحران تي اونها اثر ڇڏيا آهن. پاڪستان پنهنجي پيدائش کان وٺي آمريڪي سامراج جو دلو رهيو آهي ۽ هتان جي حڪمرانن آمريڪي سامراج جي دلالي ڪري ئي پنهنجي حڪمراني قائم رکي آهي. عالمي مالياتي نظام سان پاڪستان جا سمورا لاڳاپا به سامراجي لاڳاپن جي ڪري ئي آهن. اصل ۾ پاڪستان جي چين سان لاڳاپن هڪ وقت ۾

آمريڪا کي بہ فائدو پهچايو. 1960ع واري ڏهاڪي جي آخر ۾ جڏهن آمريڪا ۽ چين سوويت يونين جي مخالفت جي بنياد تي هڪ ٻئي سان لاڳاپا قائم ڪرڻ شروع ڪيا تہ آمريڪا ۽ چين ۾ رسمي سفارتي لاڳاپن جي ڪوٺ سبب پاڪستان کي ٽپاليءَ جو ڪردار ڏنو ويو. وقت گذرڻ سان گڏ اهي لاڳاپا وڌيا ۽ چين جي سرمائيداري نظام جي بحاليءَ ڪانپوءِ نہ رڳو انهن لاڳاپن جي نوعيت بدلجي وئي پر چين جو سامراجي اثر ۽ رسوخ پڻ وڌڻ لڳو. اڄ آمريڪا ۽ چين جي تضاد جو بنياد اهي بحران آهن جيڪي هن سرمائيدارانہ نظام ۾ پيدا ٿيا آهن. انهن تضادن سبب ٻئي ملڪ پاڪستان کي پنهنجي سامراجي مقصدن هيٺ ڏسن ٿا. پاڪستان جا حڪمران آمريڪي سامراج کان ڇوٽڪارو حاصل نٿا ڪري سگهن ۽ نہ ئي چين سان لاڳاپا مڪمل طور ختم ڪري سگهن ٿا، ان جو وڏو سبب خطي ۾ طاقت جي توازن خاص ڪري هندستان جي موجودگي آهي. ان صورتحال ۾ آمريڪا ۽ چين جي وچ ۾ ڇڪتاڻ جاري آهي، جنهن سبب پاڪستان جي رياست ڪمزور ٿي ويندي.

وچ اوڀر جي بحران جو سڌو سنئون اثر پاڪستان تي بہ پيو. لکين مزدور ٻاهرين ملڪن ۾ ڪم ڪن ٿا ۽ انهن جي موڪليل رقم (Rimatance) ملڪ جي معيشت جو بنيادي ستون آهن. اتي اڀرندڙ عوامي تحريڪن، جنگين ۽ سياسي اٿل پٿل جو سڌو سنئون اثر پاڪستان تي پوندو. سعودي عرب جتي آمريڪي سامراج جو دلو آهي، اتي پاڪستان جي حڪمرانن لاءِ آقا جي حيثيت به رکي ٿو. اُتي جي سياسي تبديلين جو اثر ضرور هتي به ٿيندو. سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارتن جي اسرائيل سان ويجهن لاڳاپن سبب پاڪستان تي بہ ان حوالي سان دٻاءُ هو. آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڇڪتاڻ جو هتي بہ اثر پيو آهي. اها صورتحال پاڪستان جي سماج ۾ تضادن کي وڌائي سگهي ٿي ۽ هن علائقي ۾ اڀرندڙ عوامي تحريڪون هتي نئين تحريڪن کي جنم ڏئي سگهن ٿيون.

بنگلاديش ۽ سري لنڪا جي عوامي تحريڪن هتان جي ماڻهن کي تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي ۽ اهي به ساڳيا قدم کڻڻ جو سوچين

پيا. پاڪستان جي ميڊيا تي پابندي لڳائي وئي هئي ته هو سريلنڪن عوامي تحريڪ دوران انهن واقعن جي رپورٽنگ نه ڪري، پر ان جي باوجود هن تحريڪ جا تجربا وسيع سطح تي پهچي چڪا هئا. بنگلاديش جي عوامي تحريڪ کي به هتي تمام گهڻي پذيرائي ملي ۽ ڪيترائي ماڻهو حيران ٿي ويا ڇو ته ان کان اڳ هتي بنگلاديش کي ترقيءَ جو نمونو ڪري پيش ڪيو ويو هو. سرمائيداراڻي ترقي رڳو حڪمران طبقي جي ترقي هوندي آهي، جڏهن ته اتي جو عوام بک ۽ بيمارين ۾ مبتلا هو، جمهوري آزاديون به کسيون ويون هيون ۽ پوليس ۽ فوج طرفان بدترين جبر ڪيو ويو. اهڙيءَ صورتحال ۾ هن تحريڪ پاڪستان ۾ ڪيترن ئي نون بحثن کي جنم ڏنو آهي ۽ هن تحريڪ جا سبق هتي جي سياسي ڪارڪنن کي گهڻو ڪجهه سکڻ تي مجبور ڪري رهيا آهن. ايندڙ دور ۾ پارت سميت سڄي ڏکڻ ايشيا جي تحريڪ پاڪستان جي سماج کي ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيندي ۽ خطي جو پورهيت طبقو به حڪمرانن خلاف هڪ جڙت پيدا ڪرڻ طرف وڌندو.

اهڙي صورتحال ۾ انقلابي ڪميونسٽن جا فرض پهريون کان وڌي ويندا آهن. هڪ طرف خطي ۾ هلندڙ تحريڪن سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ ۽ سامراجي طاقتن جي مذمت ڪرڻ سان گڏوگڏ خطي جي سيني عوام دشمن حڪمرانن خلاف وڙهڻ سندن اولين فرض ٿي پوندو. اهڙيءَ ريت انقلابي ڪميونسٽن جو اهوبه بنيادي فرض آهي ته هو هن خطي جي حقيقي تاريخ کي اجاگر ڪن ۽ سامراجي حڪمرانن طرفان مسلط ڪيل خوني ورهاڱي، مذهب ۽ قوم جي بنياد تي مصنوعي ورڇ ۽ جنگين خلاف آواز اٿارين.

انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو مقصد سڄي ڏکڻ ايشيا مان سرمائيداراڻي نظام جو خاتمو ڪري خطي ۾ رضاڪارانه سوشلسٽ فيڊريشن قائم ڪرڻ آهي، جيڪا عالمي سوشلسٽ انقلاب جي شروعات هوندي. ان ئي مقصد تحت خطي ۾ ايرندڙ عوامي تحريڪن سان يڪجهتي ۽ انهن جا سبق هتان جي مزدور تحريڪن تائين پهچائڻ به انقلابي ڪميونسٽن جو بنيادي فرض آهي. پاڪستان جو سوشلسٽ

انقلاب ان وقت تائين نامڪمل رهندو، جيستائين پوري خطي ۽ پوءِ پوري دنيا مان سرمائيداراڻي نظام جو خاتمو نه ڪيو ويندو. انقلابي ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي پليٽ فارم تان هن خطي سميت سڄي دنيا ۾ انقلابي ڪميونسٽ پارٽين کي منظم ڪرڻ جو عمل به ان مقصد لاءِ جاري آهي ۽ انقلابي ڪميونسٽ پارٽي هن انٽرنيشنل جو باقاعده حصو آهي.

## افغانستان

ڊيورنڊ لائين جي مصنوعي سامراجي ليڪ جي ٻنهي پاسي پاڪستان ۽ افغانستان جي حڪمران طبقن جي وچ ۾ تضاد 1947ع ۾ ئي سامهون اچي چڪا هئا ۽ ان وقت کان وٺي ٻنهي ملڪن وچ ۾ مسلسل ڇڪتاڻ جاري آهي. گذريل پنجن ڏهاڪن کان پاڪستان جي حڪمرانن افغانستان تي پنهنجو سامراجي تسلط قائم ڪرڻ ۽ ڪابل ۾ ڪٺ پتلي حڪمرانن کي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر اهي اڪثر ناڪام رهيا آهن. آمريڪا جي اشاري تي پاڪستان افغانستان ۾ سامراجي جنگين ۽ قتل عام ڪرائڻ ۾ هميشه اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ پاڪستان جي حڪمرانن جا هٿ لکين افغانين جي رت سان رنگيل آهن. ڊالر جهاد کان وٺي دهشت گرديءَ خلاف جنگ تائين پاڪستان جي حڪمران طبقن ان قتل عام جي بدلي ۾ اربين ڊالر ڪمايا آهن. جڏهن ته سڄي خطي کي باهه ۽ رت ۾ ڏڪي ڇڏيو آهي. ان خونريزيءَ ۾ مارجي ويل افغان پناهگيرن تي به ظلم جا پهاڙ ڪيرايا ويا. هڪ طرف اهي مغربي سامراجي قوتن کان حاصل ٿيندڙ فنڊ کي پنهنجي امداد جي نالي تي کائيندا رهيا ته ٻئي پاسي انهن لٽيل ۽ ڦرجي ويل پناهگيرن کي پنهنجي سامراجي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ جي به ڪوشش ڪندا رهيا. انهن پناهگيرن کي جبري ملڪ نيڪالي ڏيڻ جو بزدلاڻو عمل اڄا تائين جاري آهي، جنهن جي انقلابي ڪميونسٽن پاران سخت مذمت ڪئي وئي آهي. افغانستان تي طالبان جي ظلم ۽ بربريت کي مڙهڻ ۾ به پاڪستان جو اهم ڪردار آهي ۽ اڄ به افغانستان جي عوام تي ٿيندڙ

طالبان جو ظلم پاڪستان جي حڪمرانن جي آشيرواد جي ڪري ئي آهي.

انقلابي ڪميونسٽ پارٽي پاڪستان جي ان سامراجي ڪردار جي پرزور مذمت ڪري ٿي ۽ افغانستان جي عوام سان مڪمل يڪجهتيءَ جو اظهار ڪري ٿي، طالبان ۽ آمريڪي سامراج سميت سيني سامراجي قوتن خلاف جدوجهد جي حمايت ڪري ٿي. ان ڪانسواءِ انقلابي ڪميونسٽ پارٽي پاڪستان جي پورهيتن، هارين ۽ شاگردن جي وچ ۾ هن تحريڪ کي منظم ڪرڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي. ٻنهي ملڪن ۾ موجود سامراجي ڏاڍ، مذهبي بنياد پرستي جي وحشت ۽ سرمائيداراڻي نظام کي ختم ڪرڻ لاءِ سوشلسٽ انقلاب جي ضرورت آهي. هڪ ملڪ ۾ سوشلسٽ انقلاب جو اثر ٻي ملڪ تي به پوندو ۽ ڊيورنڊ لائين جي مصنوعي سامراجي ليڪ جي خاتمي جو سبب بڻجندو. هن علائقي جي رضاڪارانه سوشلسٽ فيڊريشن جي قيام سان ئي انهن سامراجي جنگين، خونريزي، قومي جبر، لڏپلاڻ ۽ ملائيت جي ظلمن جو خاتمو آڻي سگهجي ٿو. انقلابي ڪميونسٽ پارٽي ان ئي مقصد کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي.

## رياست جو بحران

پاڪستان هڪ سرمائيدار رياست آهي ۽ سرمائيداريءَ جي عالمي بحران هن رياست جا بنياد ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا آهن. پنهنجي اهم لکڻيءَ ”رياست ۽ انقلاب“ ۾، لينن سرمائيدار رياست جي بنيادي خاصيتن ۽ ان جي خاتمي ۽ مزدور رياست جي قيام جي حوالي سان تمام اهم نقطا واضع ڪيا هئا. پاڪستاني رياست جي مطالعي جي لاءِ به اهو ڪتاب نهايت ئي ڪارائتو آهي .

هن رياست جو بنياد ۽ ان جا سمورا ادارا برطانوي سلطنت ان وقت رکيا هئا جڏهن هن سڄي هندستان جي ڦرلٽ ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڏاڍ قائم ڪيو. ان وقت برطانوي سامراج قديم ايشيائي پيداواري طريقي

ڪي ختم ڪري سرمائيدارانہ نظام لاڳو ڪيو هو. مارڪس هندستان تي پنهنجي لکڻين ۾ انهيءَ عمل جو جائزو ورتو هو ۽ چيو هئائين تہ جتي برطانوي سامراج پنهنجي ڦرلٽ جي مقصد تحت ريل جي پٽڙي وڇائي سرمائيداراڻي نظام کي مڙهڻ جو عمل ڪري رهيو آهي، اتي اهو خطو ان ئي سامراج خلاف انقلابي تحريڪن ۽ عوامي بغاوتن جي لاءِ به تيار ٿي رهيو آهي. وقت انهيءَ کي صحيح ثابت ڪيو ۽ اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي.

پارليماني نظام، عدالتن، مالياتي نظام ، پوليس ۽ فوج سميت سمورن رياستي ادارن جو بنياد برطانوي سلطنت رکيو هو. ان کان اڳ قديم ڳوٺاڻي انداز ۾ محدود پيداوار هئي. جديد معنيٰ ۾ ڪو بہ مرڪزي مالياتي ۽ رياستي نظام نہ هو ۽ سڄو خطو علائقائي بادشاهن، مهاراجن، نوابن جي قبضي هيٺ مختلف علائقن ۾ ورهايل هو. سرمائيداراڻو نظام هتي ڪنهن انقلاب ذريعي نہ پر سامراجي مقصدن لاءِ آندو ويو ۽ هتان جي حڪمرانن رجعت پسند قوتن کي پاليو. برطانوي سامراج پنهنجو قبضو قائم رکڻ لاءِ مذهبي ورڇ کي هٿي ڏيندي سماج تي رجعت پسند قوتن کي مڙهيو.

برطانوي سامراج کان مليل آزادي بہ مذهبي بنيادن تي ٿيل ورهاڱي جي رت ۾ رنڱيل هئي. ان نالي ماتر آزاديءَ کان پوءِ بہ آمريڪا سميت ٻين سامراجي طاقتن هتي ڦرلٽ جو سلسلو جاري رکيو آهي ۽ موجوده رياست جو وجود صرف عالمي سامراجي طاقتن ۽ مقامي حڪمرانن جي مفادن جي تحفظ لاءِ ئي آهي. پر عالمي سرمائيداريءَ جي زوال سبب ان جو بحران شدت اختيار ڪري ويو آهي ۽ هر اداري ۾ حڪمرانن جي وچ ۾ هڪ گهرو ويڙهہ جي ڪيفيت نظر اچي ٿي. پاڪستان جي سياست ۽ رياست ۾ فوجي اداري جي مداخلت هميشہ کان رهي آهي ۽ اڄ بہ اهو ادارو هتان جي سيني سياسي پارٽين کان وٺي عدليہ تائين سڌو سنئون پنهنجو دٻدٻو ۽ اثر رکي ٿو. هن اداري جي سربراهہ جو ڪردار پاڪستان ۾ غير معمولي اهميت جو درجو رکي ٿو، جنهن جو وڏو ڪارڻ هڪ ڊگهي عرصي تائين فوجي مارشل لا آهي،

جنهن کي سامراجي پٺڀرائي بہ حاصل رهي آهي. انهيءَ سربراهہ جي ڪردار جي مبالغہ آميز حد تائين اهميت جو سبب هتان جي سرمائيدار طبقي جي تاريخي ڪمزوري ۽ خصي پڻو آهي. پاڪستان ڪڏهن بہ جديد سرمائيدار رياست نہ بڻجي سگهيو آهي ۽ هتان جي سرمائيدار طبقي جو ڪردار بہ سامراجي طاقتن جي دلال وارو ئي رهيو آهي. اهو ڪڏهن بہ آزاد ڪردار ادا ڪرڻ جي قابل نه رهيو آهي. اولهہ جي مقابلي ۾ هن خطي ۾ سرمائيداريءَ جو دير سان اچڻ ۽ ان نظام جو انقلابن بدران سامراجي سهاري جي اچڻ سبب، هي سرمائيدار طبقو ڪڏهن ان ڪردار مان ٻاهر نہ نڪري سگهيو آهي. هتي اولهہ جيان جمهوري قدرن، پارليماني روايتن ۽ رياستي ادارن جو پيشيوارانه انداز ۾ ورڪنگ ڪڏهن بہ ممڪن ناهي رهي، ۽ نہ ئي هن نظام جي حدن ۾ اهو ٿيڻ ممڪن آهي.

عالمي سرمائيداريءَ جي زوال سبب، اهي رياستي ادارا ۽ مجموعي طور رياست وڏيڪ پيچ ڏاهہ جو شڪار آهن ۽ پنهنجن ئي تضادن جي بار هيٺ دٻجي رهيا آهن. ٻئي پاسي هن نظام جي زوال سان حڪمران طبقي جي ڦرلٽ ۽ عوام تي ظلم وڌي رهيو آهي ۽ عوام جو معاشي قتل عام ڪيو پيو وڃي، انهن جي جمهوري آزاديءَ کي تيزيءَ ساڻ ختم ڪيو پيو وڃي، احتجاج ۽ اظهار جي آزاديءَ جا سمورا رستا بند ڪيا پيا وڃن ۽ مظلوم قوميتن تي ظلم جا پهاڙ ڪيرايا پيا وڃن. ملڪ مالي بدحاليءَ جو شڪار آهي ۽ لکين ماڻهو بک ۽ بيمارين سبب مري رهيا آهن. اتي ئي هن ملڪ جي حڪمرانن جون مراعتون وڌنديون پيون وڃن ۽ انهن لاءِ سرڪاري خزاني جا مُنهن کوليا ويا آهن.

ان دوران عدليہ، فوج، بيوروڪريسي ۽ سڀ کان وڌيڪ پارليامينٽ جا ادارا هوا ۾ اڏامي ويا آهن ۽ عوام جي وڏي اڪثريت کي انهن مان ڪا بہ اميد ناهي. اهي ادارا ڪڏهن بہ عوام جي خواهشن جا ترجمان نہ رهيا آهن ۽ اهي هميشہ سرمائيدار حڪمران طبقي پنهنجي مفادن جي تحفظ لاءِ استعمال ڪيا آهن. پر پنهنجي زوال ۽ تباهيءَ جي دور ۾ اهي ادارا عوام لاءِ عذاب بڻجي ويا آهن ۽ سمورن سرڪاري

ادارن جو مقصد عوام جي جان ۽ مال کي لٽڻ ۽ عوام کي ڏينهون ڏينهن تڪليفن ۾ مبتلا ڪرڻ بڻجي پيو آهي.

عدالتن جي ججن جي ويڙهه جا قصا، ڪرپشن جا قصا ۽ مرضين وارا فيصلا لاڳو ڪرڻ جا قصا هاڻي عام ٿي ويا آهن. هيٺان کان مٿي تائين عدالتون ڪرپشن جو مرڪز بڻيل آهن، جتي هر پاسي انصاف جو تماشو نظر اچي رهيو آهي. پوليس ۽ ٻيا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا به سرمائيدار طبقي جا ڪليا دلال آهن ۽ انهن جو اولين فرض عوام کي ڦرڻ آهي. پوليس ۽ قانون جو سمورو سرشتو اڄ به برطانوي سامراج جي جوڙيل بيئنڪيتي انداز ۾ جاري آهي، جنهن ۾ عوام جي تذليل ۽ ٺنوليءَ کي خاص اهميت ڏني ويندي آهي، جڏهن ته مجرمن ۽ حڪمرانن لاءِ پروٽوڪول ۽ هڪ باوقار زندگيءَ جي ضمانت ڏني ويندي آهي. جنرلن ۽ فوجي اشرافيه جي ڦرلٽ به وڌي رهي آهي. معيشت جي سمورن شعبن تي قبضي کان وٺي عوام جي ٽيڪس جي پئسي جي ڦرلٽ تائين، پوري رياست سرمائيدار طبقي جي مفادن جي تحفظ جي ضامن آهي ۽ ان مقصد لاءِ آئين، قانون ۽ سمورا ادارا ڪم ڪن ٿا. هن رياست جي ادارن ذريعي ڪنهن به قسم جي سڌاري، عوام جي ڀلائي ۽ ملڪ جي ترقيءَ جا سڀ نعرا ڪوڙ ۽ دوکو آهن. انهن ادارن جا بنياد عوام دشمن آهن، انهن کان چڱائيءَ جي اميد رکڻ عوام کي دوکو ڏيڻ مثل آهي.

ان ڪري انقلابي ڪميونسٽ پارٽي سرمائيدار رياست جو خاتمو آڻي هتي سوشلسٽ انقلاب ذريعي پورهيتن جي رياست قائم ڪرڻ لاءِ پُرعزم آهي. موجوده ادارن اندر رهندي جمهوري آزاديون ڪڏهن به حاصل نه ٿيون ٿي سگهن، انهن عدالتن ذريعي عوام کي انصاف مهيا ڪرڻ ممڪن ناهي. امن و امان قائم ڪرڻ پوليس ۽ ٻين ادارن جي وس جي ڳالهه ناهي ۽ نه ئي موجوده آئين ۽ قانون ان کي يقيني بڻائي سگهن ٿا.

هن سرمائيداراڻي رياست ۽ ان جي سمورن قانونن جو بنياد خانگي ملڪيت جو تحفظ آهي. حقيقت ۾ سرمائيداريءَ جو بنياد ئي

پيداواري وسيلن جي خانگي ملڪيت تي رکيل آهي. اڄ سماجي ترقيءَ جي رستي ۾ سڀ کان وڏي رُڪاوٽ اهو نظام آهي، جيڪو خانگي ملڪيت تي ٻڌل آهي. ان جو خاتمو صرف سوشلسٽ انقلاب سان ئي ٿي سگهي ٿو. جنهن ۾ پيداوار جا سمورا وسيلا اجتماعي ملڪيت ۾ وٺي سرمائيداري نظام جو مڪمل خاتمو ڪيو ويندو. هن انقلاب کان پوءِ هن نظام جي محافظ رياست بہ ختم ٿي ويندي ۽ نئين اڀرندڙ مزدور رياست پنهنجا ادارا ٺاهيندي، پنهنجو آئين ۽ قانون ٺاهيندي، جنهن ۾ اجتماعي ملڪيت جي نظام ڪي تحفظ ڏنو ويندو. امير ۽ غريب جي ورڇ جو خاتمو ڪيو ويندو ۽ حقيقي سوشلسٽ جمهوريت لاڳو ڪئي ويندي. هن مزدور رياست جو بنياد سڄي ملڪ ۾ مزدورن ۽ هارين جون انقلابي ڪميٽيون هونديون، جيڪي جمهوري طريقي سان پنهنجا نمائندا چونڊينديون ۽ اهي ئي چونڊيل نمائندا رياستي معاملن ۾ قانون سازي ڪندا، جن ۾ انصاف کان وٺي انتظامي ۽ مالياتي معاملا شامل آهن، ۽ اُهي ئي سڄو ڪاروهنوار سنڀاليندا.

هن سماج کي موجوده مفلسيءَ، ظلم ۽ جبر کان بچائڻ جو ٻيو ڪو بہ رستو نہ آهي. رياست جي بحرانن ۽ تضادن جو حل ان کي انقلاب ذريعي ختم ڪري هڪ نئين مزدور رياست ۽ سوشلسٽ منصوبابند معيشت جي قيام سان ئي حل ڪيو ويندو.

## معاشي ڏيوالپڻو

پاڪستان هن وقت ٽيڪنيڪلي ڏيوالپڻي جو شڪار آهي پر ان جو باقاعدا اعلان ناهي ڪيو ويو. سامراجي قرضن جي بار هيٺ دٻيل هن ملڪ جي معيشت اهڙي حالت ۾ آهي جو قرضن ۽ انهن جو وياج ادا ڪرڻ لاءِ قرض وٺڻا پوندا آهن. پر هاڻي صورتحال اها آهي تہ نوان قرض حاصل ڪرڻ مشڪل ٿي پيو آهي ۽ ڪو بہ سامراجي ملڪ يا بئنڪ هن ٻڏندڙ معيشت ۾ وڏيڪ سيڙپڪاري ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. نئون قرض حاصل ڪرڻ جي باوجود ان جون شرطون پهرين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سخت ۽ لڳ ڀڳ ناقابل عمل آهن. وياج جي شرح پڻ مسلسل وڌي رهي

آهي. آءِ ايم ايف جي تازو ست ارب ڊالرن جي پيڪيج ۾ وياج جي شرح وڌائي 5 سيڪڙو ڪئي وئي آهي جيڪا اڳ ۾ 3 کان 4 سيڪڙو هئي. پاڪستان جي حڪمرانن جي سموري تاريخ اها رهي آهي تہ اهي عوام جي هڏين ۽ ماس مان رت جو آخري ڦڙو بہ نپوڙي سامراجي قوتن جي جھوليءَ ۾ وجهي ان جي بدلي ۾ ڪميشن اوڳاڙيندا آهن. گذريل ستن ڏهاڪن ۾ آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ جي پاليسين جو اهو ئي سبق آهي.

اهي سامراجي ادارا عوام جي پيدا ڪيل دولت وياجي قرضن ذريعي چوري ڪري سامراجي ملڪن جي حڪمرانن جي خزاني ۾ منتقل ڪندا آهن. پاڪستان جي سالياني جي ڊي پي هن وقت 350 ارب ڊالرن جي ويجهو آهي، جيڪو هتي جو پورهيت عوام پنهنجي رت ۽ پگهر سان پيدا ڪري ٿو. پر بدلي ۾ کين بيماري، محرومي ۽ ذلت کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ ٿو ملي.

ورلڊ بئنڪ جي انگن اکرن موجب 21-2020ع تائين ملڪ جي 39.3 سيڪڙو آبادي غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهي هئي يعني اهي هڪ ڏينهن ۾ 3 ڊالر بہ ڪمائي نہ پيا سگهن. سيپٽمبر 2021ع ۾ حڪومت جي پنهنجن انگن اکرن موجب 22 سيڪڙو آبادي 3 هزار روپين کان بہ گهٽ ماهوار آمدني تي گذارو ڪرڻ تي مجبور آهي. اهي انگ اکر گهٽو ڪري حڪمران طبقي جي سهولت لاءِ مرتب ڪيا ويندا آهن ۽ صورتحال جي صحيح عڪاسي ناهن ڪندا. حقيقت ۾، آباديءَ جو 80 سيڪڙو کان وڌيڪ غربت ۾ زندگي گهاري پيو. بنيادي صحت جون سهولتون اڻلڀ آهن، هر سال هزارين عورتون ويم دوران مري وڃن ٿيون ۽ پنجن سالن کان گهٽ عمر جا 40 سيڪڙو کان وڌيڪ ٻار گهربل واڌ ويجھ نه ٿيڻ جو شڪار آهن. ٻين لفظن ۾، غذائي کوٽ جي ڪري سندن جسماني واڌ ويجھ رڪجي وئي آهي ۽ باقي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ پوري نہ ٿي سگهندي. هي ملڪ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ دنيا ۾ آخري نمبرن تي آهي ۽ هن ملڪ جا 2 ڪروڙ 60 لک کان وڌيڪ ٻار ڪڏهن بہ اسڪول نہ ويا آهن ۽ دنيا ۾ وڏي تعداد ۾ اسڪول کان ٻاهر ٻارن ۾ هي ملڪ به هڪ آهي.

غربت ۾ رهندڙ هنن ماڻهن تي اربين ڊالرن جي سامراجي قرضن جو بار پڻ موجود آهي، جن کي اوڳاڙڻ لاءِ هر روز نوان معاشي حملا ڪيا وڃن ٿا. پاڪستان جو قرض هن وقت ان جي جي ڊي پي جو 75 سيڪڙو آهي، جيڪو ترقي پذير معيشت لاءِ تمام گهڻو آهي. پاڪستان جو پرڏيهي قرض 131 ارب ڊالرن کان به وڌيڪ آهي، جنهن ۾ آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ کان علاوه چين ۽ ٻين سامراجي رياستن جا قرض به شامل آهن. اندروني قرضن جو حجم 43 کرب رپيين کان وڌيڪ آهي. پاڪستان جي سالياني ٽيڪس آمدني جو 90 سيڪڙو انهن قرضن ۽ انهن جي وياج جي ادائيگي تي خرچ ٿئي ٿو. ٻين لفظن ۾ بئنڪون، سامراجي رياستون ۽ بين الاقوامي مالياتي ادارا ملڪ جي آمدنيءَ جو وڏو حصو ٽيڪسن ۽ ٻين ذريعن وسيلي ڦرلٽ ڪري ڪٽي وڃن ٿا. ان کان پوءِ سڀ کان وڏو خرچ دفاعي خرچن تي ٿيندو آهي، جنهن ۾ فوج جون پگهارون، الائونس، پينشن، هٿيارن جي خريداريءَ کان علاوه جرنلن جون عياشيون ۽ ڪميشنون شامل آهن. انهن دفاعي سؤدن ۾ به چين ۽ ٻيا سامراجي ملڪ وڏو منافعو ڪمائيندا آهن جڏهن ته مقامي حڪمران وڏي پيماني تي ڪميشن کائيندا آهن.

تازو ئي هڪ وڏو ڦرلٽ جو اسڪينڊل سامهون آيو آهي جنهن ۾ پاور جنريشن ڪمپنيون يعني IPPs شامل آهن. اهي ڪمپنيون، جن جي مالڪن ۾ سامراجي سيڙپڪار ۽ حڪمران طبقي جا مختلف ميمبر به شامل آهن، هر سال اربين رپيا لُٽي رهيا آهن. هڪ طرف انهن ڪمپنيون کي عوام جي ٽيڪس جي پئسن مان بجلي جي تمام گهڻي قيمت وصول ڪري رهيون آهن ته ٻئي پاسي اهي بجلي پيدا ڪرڻ کانسواءِ ڪئپيسٽي چارجز جي نالي تي اربين رپيا بنا بجلي ٺاهڻ جي هڙپ ڪري رهيون آهن. انهن ڪمپنين سان ٿيل سيئي معاهدا اهو واضع ڪن ٿا ته هن نظام ۾ سموري سيڙپڪاريءَ جو مقصد عوام کي ڦرڻ ۽ لٽڻ آهي ۽ هن ملڪ جو حڪمران طبقو ڪڏهن به عوامي مفاد لاءِ ڪو منصوبو شروع نٿو ڪري.

ڪجهه وقت پهرين سي پيڪ منصوبي تحت چين جي سيڙپڪاريءَ جو ڪردار به اهڙو ئي هو. ان جو مقصد بہ هتان جي وسيلن ۽ دولت کي لٽڻ هو جڏهن تہ حڪمران ان کي ترقي ۽ خوشحاليءَ جو پيغام ڏئي وڪڻي رهيا هئا. سي پيڪ دوران ورتل قرضن پهريان کان مقروض معيشت جو وڌيڪ ڏيوالو ڪڍي ڇڏيو ۽ بيروزگاري، مهنگائي ۽ حڪمرانن جي ڦرلٽ ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو. جڏهن تہ ترقي ۽ خوشحاليءَ جون سڀ دعوائون اڌوريون رهجي ويون.

هاڻي آمريڪا ۽ چين جي وچ ۾ ڇڪتاڻ جا اثر مالياتي شعبي تي بہ پئجي رهيا آهن ۽ آءِ ايم ايف چين جي قرضن جي واپسيءَ تي سختيءَ سان پابندي لڳائي ڇڏي آهي. ٻئي پاسي چين قرضن جو وياج سميت واپسيءَ جو مطالبو ڪري رهيو آهي. آءِ ايم ايف کان نئون قرض وٺڻ لاءِ جتي چين جي قرضن کي رد ڪرڻ جي ضمانت ڏيڻ ضروري آهي، اتي عوام تي وڌيڪ ٽيڪس لڳائڻ، لڳ ڀڳ سڀني سرڪاري ادارن کي خانگائڻ ۽ سرڪاري ملازمن جي پينشن ختم ڪرڻ جهڙا قدم کڻڻ شامل آهن. هميشہ جيان حڪمرانن انهن قدمن تي عمل ڪرائڻ جو يقين ڏياريو آهي. مالياتي ڏيوالپڻي جي باوجود هن ملڪ جي سرمائيدارن، ملٽي نيشنل سيڙپڪارن ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنين تي ڪوبہ وڏو ٽيڪس نه وڌو ويو آهي ۽ نہ ئي انهن کي ملندڙ رعايتن کي وڏي پيماني تي ختم ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن انهن سرمائيدارن تي وڏي پيماني تي ٽيڪس لڳايو وڃي تہ عوام کي ٽيڪس ڏيڻ جي ڪا ضرورت نہ پوندي، پر عوام دشمن سرمائيداراڻي نظام ۾ اها اميد نہ ٿي رکي سگهجي.

عالمي سرمائيداريءَ جي زوال جي ڪري ملڪي معيشت جو ڏيوالو نڪرندو ۽ قرضن جي حاصلات وڌيڪ ڏکيو ٿي پوندي. حقيقت ۾ حڪومت اڳ ۾ ئي اهي قدم کڻي رهي آهي جيڪي ڪا بہ رياست ڏيوالپڻي کانپوءِ کڻندي آهي. انهن ۾ مختلف مالياتي ادارن کان قرضن جو ٻيهر شيڊيول ڪرڻ جي حوالي سان ڳالهيون شامل آهن. جڏهن تہ وڏي پيماني تي درآمد تي اڳ ئي پابنديون لاڳو ڪيون ويون آهن.

جيڪڏهن درآمد ۾ ڏکيائيون اينديون ته ملڪ جي صنعت کي پهرين جيان هلائڻ ممڪن نه رهندو. ڇاڪاڻ ته هن ڀنتي ڀيل ملڪ جون اڪثر صنعتون ڪچي مال ۽ مشينري وغيره درآمد ڪيون وڃن ٿيون. بجليءَ جي اگهن ۾ واڌ ۽ ٻين سببن ڪري صنعتون اڳ ئي بند ٿي رهيون آهن جنهن سبب بيروزگاري وڌي رهي آهي.

پاڪستان جي معيشت جو گهڻو دارومدار هميشه پرڏيهي جنگين تي رهيو آهي جنهن ۾ پاڪستان سامراجي طاقتن جي ڪٺ پتليءَ جي حيثيت سان امداد، قرض ۽ دفاعي اهميت حاصل ڪندو رهيو آهي. 2001ع ۾ افغانستان تي آمريڪي حملي کان پوءِ اهو انحصار ڪيترائي ڀيرا وڌي چڪو آهي ۽ ان ڪانپوءِ جي ٻن ڏهاڪن ۾ پاڪستان جي معيشت واضع طور تي جنگي معيشت بڻجي چڪي آهي. هتي صنعتڪاري ۽ زرعي ترقيءَ بدران ريئل اسٽيٽ جو ڪاروبار وڌيو ۽ خدمت (Services) جو شعبو زراعت ۽ صنعت کان وڌو ٿيندو ويو. ان دؤر ۾ ڊالرن جو وصولي دهشتگرديءَ جي وارداتن ۾ اضافي سان جڙيل هئي، جنهن ۾ هن ملڪ جي حڪمرانن ڪابه گهٽتائي اچڻ نه ڏني. پر هن سامراجي جنگ مان عوام کي خونريزي، بدامني، بک، بيمارين کان سواءِ ڪجهه به نه مليو. حڪمران طبقي ان دولت کي ٻنهي هٿن سان لٽيو پر عوام جي ڀلائي اڳي وانگر خواب ئي رهي. افغانستان ۾ آمريڪا جي شڪست ۽ پيچ لٽڪائي ڀڄڻ کان پوءِ اهو سلسلو اوچتو پڄاڻيءَ تي پهتو ۽ تڏهن کان ملڪ جي معيشت ڏيوالپڻي ڏانهن وڌي رهي آهي. مستقبل ۾ به هن ملڪ جا حڪمران ڪنهن صنعتي يا زرعي ترقيءَ بدران سامراجي جنگ جو انتظار ڪري رهيا آهن ۽ ان ذريعي ڦرلٽ جو نئون سلسلو شروع ڪرڻ چاهين ٿا.

ڀتا خوري، لينڊ مافيا، اسمگلنگ، ڪارو ناڻو ۽ غير قانوني ذريعن کان ايندڙ آمدنيءَ جو به پاڪستان جي معيشت ۾ وڏو حصو آهي. هن معيشت جا سماج تي تمام گهڻا اثر آهن ۽ دهشتگرديءَ کان وٺي لاقانونيت ۽ سماجي افراتفريءَ تائين هن معيشت جي اثرن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. پاڪستان جي زوال پذير رياست وٽ اهو سڀ

ڪجهه روڪڻ جي گنجائش ناهي، پر اهو ڪارو ناڻو (بليڪ مني) رياست جي اهم حصن ۾ اندر تائين گهڙي اڻ اعلانيل قبوليت حاصل ڪري چڪو آهي. رياستي ادارن جي سربراهن کان وٺي هيٺين سطح تائين جا ملازم ان مان فائدو وٺي رهيا آهن ۽ اهو سماج جو هڪ اهم حصو بڻجي چڪو آهي.

هن سموري عرصي ۾ زراعت جو شعبو به بدترين تباهيءَ جو شڪار ٿيو آهي ۽ ڪٽڪ جي هارين کان وٺي ڪپهه ۽ ڪمند جي هارين تائين هر ڪو تباهي ۽ بربادي‌ءَ جو شڪار ٿيو آهي. هن نام نهاد زرعي ملڪ ۾ هن وقت ڳوٺن ۾ ماڻهو بک وگهي مري رهيا آهن ۽ خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهن. جيتوڻيڪ اناج جي پيداوار ۾ هي علائقو اعليٰ مقام رکي ٿو. حڪمرانن جي هاري دشمن پاليسين جي ڪري جتي فصل جي پوک جي لاڳت ۾ اضافو ٿيو آهي، پاڻ ۽ دوائن جا اگهه هاريءَ جي پهچ کان ٻاهر ٿي ويا آهن، اتي هارين کي اناجن جي وڪري ۾ ٻنهي هٿن سان ڦريو لٽيو پيو وڃي ۽ منڊيءَ جي رحم ڪرم تي لاڳت کان به گهٽ اگهه ۾ وڪڻڻ تي مجبور آهن. جڏهن ته وياجي، ذخيره اندوز، اسمگلر ۽ سرڪاري عملدار هارين کي ٻنهي هٿن سان لٽي رهيا آهن. ٻئي طرف واهپيدار به پريشان آهن، شين جي هٽرادو ڪوٽ پيدا ڪري انهن کي به ڦريو وڃي ٿو. ڪڏهن ڪند، ڪڏهن اٽو ۽ ڪڏهن ٻين شين جي ڪوٽ پيدا ڪرڻ سبب انهن جا اگهه آسمان جي بلندين تائين پهچائي، حڪمران عوام جي بربادي‌ءَ تي جشن ملهائيندا آهن. ڪوڙ سارن واقعن ۾ اٽي لاءِ قطارن ۾ بيٺل ڪيترائي ماڻهو مري ويا آهن. اهڙيءَ ريت پاڻ ۽ ٻين شين جي ڪوٽ پيدا ڪري هارين کي ڦريو ويندو آهي. ڪارپوريٽ فارمنگ ذريعي ننڍن هارين جي زمينن تي قبضو ڪرڻ، انهن جي روزگار تي لت هڻڻ جو سلسلو به جاري آهي، جنهن ۾ هاڻي فوجي اشرافيہ به لهي پئي آهي.

ان صورتحال ۾ معيشت کي سڌارڻ لاءِ اقتصاديات جي ماهرن، تجزيي نگارن ۽ سياسي پارٽين جا سمورا نسخا پراڻا ٿي آهن ۽ انهن تي عمل ڪري ئي معيشت کي ان حالت تائين پهچايو ويو آهي.

نجڪاريءَ، ملازمن جي ڇانٽي ، وياج جي شرح وڌائڻ يا عوام تي ٽيڪس لڳائڻ سان اڳ ۾ معيشت بهتر نہ ٿي سگهي ھاڻي بہ ڪو امڪان ڪونهي. هن نظام جي حدن ۾ رهندي آئي ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ جهڙن سامراجي ادارن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ممڪن ئي ناهي. تنهن ڪري انقلابي ڪميونسٽ پارٽي سوشلسٽ انقلاب ذريعي هن سرمائيداراڻي معيشت کي ختم ڪرڻ جي جدوجهد ڪري رهي آهي. انقلاب کان پوءِ سمورا سامراجي قرض ڏيڻ کان انڪار ڪيو ويندو ۽ سيني سامراجي مالياتي ادارن جا قرض جن ۾ آمريڪا ۽ چين شامل آهن، پورهيت رياست پاران ضبط ڪيا ويندا. ملڪ جون سيئي بئنڪون ۽ انهن ۾ موجود دولت مزدور رياست پنهنجي تحويل ۾ وٺندي. مرڪزي بئنڪ ذريعي هڪ منصوبابند معيشت لاڳو ڪئي ويندي. سموريون ملٽي نيشنل ڪمپنيون، مالياتي ادارا، اسٽاڪ ايڪسچينج ۽ خانگي صنعتن ۽ ادارن کي پورهيت عوام جي اجتماعي ملڪيت ۽ جمهوري ڪنٽرول هيٺ آندو ويندو ۽ ملڪي ۽ غير ملڪي سرمائيدار طبقي جا سمورا اثاثا ضبط ڪيا ويندا. مزدور رياست کي سمورن معدني وسيلن، پرڏيهي واپار ۽ مالياتي شعبي تي مڪمل ڪنٽرول هوندو ۽ ملڪ ۾ پيدا ٿيندڙ سموري دولت عوام جي ڀلائيءَ تي خرچ ڪئي ويندي. اهو مزدور رياست جو فرض هوندو تہ اها عوام کي روٽي، ڪپڙو، رهائش کان وٺي علاج، تعليم، بجلي، پاڻي ۽ ٻين ضرورتن جي فراهميءَ تائين سموريون ذميواريون نڀائي ۽ ان لاءِ سمورا وسيلا خرچ ڪري. حڪمرانن جي پرڏيهہ منتقل ڪيل دولت واپس آڻڻ لاءِ قدم کنيا ويندا ۽ جيڪي بہ ائين نہ ڪندا انهن کي سخت سزا ڏني ويندي. منديءَ جي معيشت مڪمل طور تي ختم ٿي ويندي ۽ منصوبابند معيشت ذريعي ترقي ۽ خوشحاليءَ جو هڪ نئون دور شروع ٿيندو.

## سياست جو بحران

هن وقت پاڪستان جي سمورين سياسي پارٽين جو عوام دشمن ڪردار بلڪل واضع ٿي چڪو آهي ۽ پارٽيون پنهنجي حڪومتي

دور ۾ عوام جو معاشي قتل عام ڪرڻ جي پاليسيءَ تي عمل ڪري رهيون آهن. سموريون سياسي پارٽيون سرمائيداراڻي نظام تي پڪو پختو يقين رکنديون آهن ۽ ان ئي نظام کي برقرار رکڻ ۽ جاري رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. انهن پارٽين جي اڳواڻن جو هن نظام جي حدن کان ٻاهر سوچڻ ئي وڏو گناهه آهي ۽ جيڪڏهن ڪو اهڙي جرئت ڪري ٿو ته ڪيس حيرت جي نگاهه سان ڏٺو ٿو وڃي.

هن وقت نون ليگ جي قيادت ۾ اتحادي حڪومت آهي، جنهن ۾ پيپلز پارٽيءَ جو اهم حصو آهي. اهي ٻئي پارٽيون وڏي عرصي کان اقتدار ۾ آهن ۽ انهن جي قيادت عوام کي ٻنهي هٿن سان لٽيو ڦريو آهي. انهن پارٽين جي تاريخ هڪ ٻئي کان مختلف آهي، پر اڄ اهي ٻئي پارٽيون حڪمران طبقي ۽ سامراجي مفادن جي نمائندگي ڪندي عوام تي مهنگائي، بيروزگاري ۽ معاشي قتل عام جا بم ڪيرائي رهيون آهن، جڏهن ته ٻئي پاسي سرمائيدار طبقي جي دولت ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي. انهن پارٽين جي اڳواڻن، وزيرن ۽ مشيرن جي دولت به ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. جڏهن ته ڪروڙين ماڻهو فاقه ڪشي ڪرڻ تي مجبور آهن. انهن ٻنهي پارٽين جو مقصد اصل ۾ سرمائيدار طبقي جي دولت کي وڌائڻ ۽ عوام کي ڦرڻ آهي، اهو ئي سبب آهي جو عوام جي اڪثريت انهن پارٽين کي رد ڪري چڪي آهي، جيڪي هاڻي رڳو اسٽيبلشمينٽ جي آشيرواد جي ڪري موجود آهن. پنجاب ۽ سنڌ ۾ انهن جي حڪومتن جو ساڳيو ئي عوام دشمن ڪردار رهيو آهي ۽ عوام انهن پارٽين خلاف ڪيترائي ڀيرا نفرت جو اظهار ڪيو آهي. مستقبل ۾ جڏهن به هتي انقلابي تحريڪ اڀري ته عوام جا هٿ انهن پارٽين جي اڳواڻن جي ڳچيءَ ۾ هوندا.

تحريڪ انصاف کي اسٽيبلشمينٽ جي هڪ ڌڙي طرفان مسيحا ڪري پيش ڪيو ويو ۽ 2018ع جي چونڊن ۾ ڌانڌليءَ ذريعي اقتدار ۾ آندو ويو. پنهنجي اقتدار جي دور ۾ هن پارٽيءَ عوام دشمنيءَ جا پراڻا سڀئي رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا، مهنگائي، بيروزگاريءَ جا بدترين حملا ڪيا. ڪرونا جي وبا دوران سرڪاري خزاني مان سرمائيدارن تي ڪروڙين

روپين جا مينهن وسايا ويا، جڏهن ته عوام کي کاڌ خوراڪ ۽ علاج کان سواءِ مرڻ لاءِ ڇڏيو ويو. هن پارٽيءَ جو ايرڻ به هن ملڪ جي حڪمران طبقي جي پاڻ ۾ ٽڪراءَ ۽ تضادن جي اسرڻ جو اظهار آهي. ماضيءَ ۾ اهو واضع ٿي چڪو آهي ته ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي آهي ۽ هڪ حصو پنهنجي ڦرلٽ لاءِ تحريڪ انصاف جي ڪلهن تي سوار آهي جڏهن ته ٻيو حصو باقي پارٽين ذريعي ڦرلٽ ڪري رهيو آهي. مخالف ڌر ۾ هجڻ ڪري هن پارٽيءَ کي ڪجهه مقبوليت ملي، پر پختونخواهه ۾ هن پارٽيءَ جو اقتدار ان جي عوام دشمن ڪردار جو سڀ کان وڏو ثبوت آهي. هڪ ڏهاڪي کان به وڌيڪ عرصي جي اقتدار ۾ ڪا به بنيادي تبديلي نظر نه آئي آهي ۽ هتي به عوام ساڳيءَ ريت غربت ۽ ذلت جي چڪيءَ ۾ پسجي رهيو آهي، جڏهن ته سرمائيدارن جي ڦرلٽ ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. هيءَ پارٽي به ٻين پارٽين جيان سامراجي طاقتن جي دلالي، ڪرپشن ۽ مزدور دشمنيءَ ۾ ملوث آهي ۽ سرمائيداراڻي نظام کي قائم رکڻ ۾ يقين رکي ٿي. هن پارٽيءَ به نجڪاري، ملازمن جي ڇانٽي ۽ آءِ ايم ايف جي مرضيءَ سان عوام دشمن پاليسيون لاڳو ڪيون آهن.

عوام جي ڪجهه پرتن ۾ پارٽيءَ جي عارضي مقبوليت جو هڪ سبب ان جو مخالف ڌر ۾ هجڻ سان گڏوگڏ هن وقت اسٽيبلشمينٽ جو حاوي ڌڙو به ان جي خلاف آهي. نوجوانن ۾ ان جي مقبوليت جو هڪ سبب حڪمران سياسي پارٽين ۽ اسٽيبلشمينٽ کان نفرت پڻ آهي. اهڙيءَ ريت پاڪستان ۾ به باقي دنيا وانگر اسٽيٽسڪو کان سخت نفرت ۽ تبديليءَ جي خواهش موجود آهي. ان ڪري اها مقبوليت تحريڪ انصاف جي سياسي پروگرام جي حمايت کان وڌيڪ ٻين سياسي قوتن ۽ اسٽيبلشمينٽ خلاف نفرت جي عڪاسي ڪري ٿي. ان کان سواءِ ان عارضي مقبوليت جو سبب قومي سطح تي وڏي انقلابي پارٽيءَ جو نه هجڻ به آهي. پر هڪ وڏي عوامي تحريڪ ان صورتحال کي مڪمل طور تبديل ڪري ڇڏيندي. اسان آزاد ڪشمير، گلگت بلتستان، بلوچستان ۽ پشتون علائقن ۾ ائين ٿيندي ڏٺو آهي. ايندڙ وقت ۾

حڪمرانن جي فرقيواراڻي ويڙهه ۾ اهو توازن بگڙجڻ جا ڪوڙ سارا امڪان آهن جنهن ڪري حڪمران طبقن جي سياست جو ٻيڙو ٻه ٻڏي سگهي ٿو، پر عوام کي ان جو ڪوبه فائدو نه ٿيندو.

انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي قيام جو مقصد موجوده عوام دشمن سياست جي متبادل طور انقلابي سياست جي شروعات ڪرڻ ۽ عوام کي حقيقي انقلابي پليٽ فارم مهيا ڪرڻ آهي. جتي هو حڪمرانن خلاف پنهنجي نفرت جو کليو اظهار ڪري سگهن ۽ ان سڄي ڪاوڙ ۽ نفرت کي سياسي طور تي منظم ڪندي انقلابي تحريڪ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن. پورهيت عوام جي هيءَ انقلابي پارٽي ٻين سڀني پارٽين کان هر لحاظ کان مختلف آهي جتي ان جو انقلابي ڪميونزم جو نظريو سرمائيداري نظام جي خاتمي لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو عزم رکي ٿو، اتي ان پارٽيءَ ۾ موجود جمهوري مرڪزيت تحت هر فيصلا سازيءَ ۾ ڪارڪن سڌو سنئون شريڪ ٿين ٿا. اهڙيءَ ريت سموريون سياسي پارٽيون هن نظام جي حدن ۾ قيد آهن ۽ ان کي ٽوڙڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ جي سوچ کي ڏوهه قرار ڏنو ويو آهي. انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو بنياد ان نقطي تي آهي ته هي نظام ناڪاره ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي ان کي پاڙان اکوڙي ڦٽي ڪرڻ سان ئي سماج ترقي ڪري سگهندو.

اهڙيءَ ريت پاڪستان جي سياست ۾ اشرافيه جي هڪ هٽي موجود آهي ۽ انهن سياسي پارٽين ۾ عام ڪارڪنن کي رڳو نعرا هڻڻ لاءِ سڏيو وڃي ٿو. دولت جو ڏيکاءُ ۽ نمائش ڪرڻ سڀني پارٽي جي اڳواڻن جي سڃاڻپ آهي ۽ ليڊر جيترو کوکلو، بدماغ ۽ ڪُند ذهن هوندو، اوترو ئي وڏي عهدي تي نظر ايندو. انهن پارٽين جي نظريي مطابق انهن پارٽين ۾ مزدور دشمني هر سطح تي نظر اچي ٿي ۽ صرف فوٽو سيشن لاءِ مزدورن کي غريب، لاچار ۽ بيوس ڪري پيش ڪيو وڃي ٿو. انهن سمورين پارٽين جي اڳواڻن ۾ ڏوهاري، بدمعاش، اسمگلر ۽ قبضا خور گروهه مطلب ته هر قسم جا ڪم ظرف ۽ نيچ ترين ماڻهو شامل آهن، جن کي فخر سان پارٽيءَ جو اثاثو ڪري پيش ڪيو ويندو

آهي. حقيقت ۾ ڪجهه عرصو اڳ هڪ نئون اصطلاح ”اليڪٽيبلز“ (چوندجندڙ) بہ متعارف ڪرايو ويو آهي نالي سان اهڙن ئي گندي قسم جي ڏوهارين کي پارٽي ۾ شامل ڪرڻ کي ڪاميابي جو نالو ڏنو ويو آهي.

انقلابي ڪميونسٽ پارٽي حاوي سياست جي ان سموري گندگيءَ جي خلاف بغاوت جو اعلان ڪري ٿي ۽ اها پارٽي فخر سان چوي ٿي تہ اها پورهيت طبقي جي مفادن جي نمائندگي ڪري ٿي ۽ ان طبقي جي مفادن جي تحفظ لاءِ پنهنجي جدوجهد کي منظم ڪندي انقلاب آڻيندي. اشرافيہ جي سياست، ان جي اخلاقيات ۽ ڪلچر خلاف بغاوت هن پارٽيءَ جو نصب العين آهي ۽ اهو پارٽيءَ جي هر ڍانچي ڪان وٺي ان جي اعليٰ انقلابي ثقافت ۾ هر جڳهہ تي واضع نظر ايندي. حڪمران طبقي ڪان نفرت ۽ ان جي خلاف بنا ڪنهن مصلحت جي ويڙهہ جي بنياد تي هن پارٽيءَ جو قائم ٿيڻ هتان جي پورهيت عوام لاءِ ڪنهن نعمت ڪان گهٽ ناهي، جيڪي موجوده سياست جي ڏپ ڪان بيزار ٿي، سماج ۾ پکڙيل انهن پارٽين جي ڍونڍ ڪان بدظن ٿي چڪا آهن. انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي پليٽ فارم تان نہ رڳو عوام جا مختلف طبقا پنهنجي مسئلن جي تڪڙي حل لاءِ جدوجهد ڪري سگهندا، پر ان جدوجهد کي انقلابي تحريڪ ڏانهن وٺي وڃي هن نظام جو تختو اونڌو ڪري سگهندا.

هن پارٽيءَ جو قيام ملڪ ۾ اصلاح پسنديءَ جي نظرين ۽ انهن هيٺ آيل پارٽين خلاف اعلانِ جنگ آهي. اصلاح پسندي يا اصلاح پسنديءَ جا نظريا هن ملڪ جي عوامي سياست تي حاوي رهيا آهن. انهن نظرين سبب هن نظام جي بنيادن کي غلطيءَ سان ابدي ۽ ازلي سمجهي قبول ڪيو وڃي ٿو ۽ صرف سڌارن جي حاصلات کي ئي آخري مقصد سمجهيو وڃي ٿو. انهيءَ نظريي سبب اهو غلط خيال بہ پکيڙيو وڃي ٿو تہ آهستي آهستي سڌارا آڻڻ سان هڪ ڏينهن سمورا مسئلا حل ٿي ويندا ۽ سڀ ماڻهو هڪ ئي نظام ۾ خوشي خوشي زندگي گهارڻ لڳندا. جڏهن تہ انقلابي ڪميونسٽن جو خيال آهي تہ سرمائيداري نظام جو بنياد ٻن

دشمن طبقن يعني سرمائيدار ۽ پورهيت تي بيٺل آهي. جيستائين اهو نظام موجود آهي، سرمائيدار پورهيتن جي محنت جو استحصال ڪندو رهندو ۽ واڌو پيداوار چوري ڪري منافعو ڪمائيندو رهندو. ان استحصاليءَ ۽ ڦرلٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ اضافي پيداوار جي هن نظام کي ختم ڪرڻو پوندو. اجرت ۾ واڌ ۽ نظام اندر ٻين بنيادي مسئلن جي حل ۽ سڌارن جي جدوجهد اهم آهي ۽ اسان ان جي حمايت ڪريون ٿا پر اها اسان جي منزل ڪڏهن به نٿي ٿي سگهي. آخري منزل هن نظام جو خاتمو آهي.

اسان پيپلز پارٽيءَ جي پهرين دور حڪومت ۾ ڀٽي جي اڳواڻيءَ ۾ اصلاح پسنديءَ جي نظريي جي ناڪاميءَ کي ڏٺو. اهو اقتدار پورهيت طبقي جي انقلابي تحريڪ ڪانپوءِ حاصل ٿيو هو جنهن جي شروعات 1968-69ع ۾ ٿي. جڏهن پوري ملڪ ۾ هڙتالن ۽ احتجاجي تحريڪن ذريعي ايوب جي آمريت جو خاتمو آندو ويو ۽ چٽاگانگ کان ڪراچيءَ تائين سڄو ملڪ سوشلزم جي نعرن سان گونجي اٿيو. ان وقت هن ملڪ جي عوام هن نظام جو خاتمو ڪرڻ چاهيو پئي ۽ ذاتي ملڪيت جي لاڳاپن کي چيلينج ڪندي پيداوار جي وسيلن تي اجتماعي قبضي ڏانهن وڌي رهيو هو. جاگيرن تي هاري قبضو ڪري رهيا هئا، جڏهن ته صنعتي مزدور انهن ادارن کي اجتماعي ڪنٽرول ۾ آڻي رهيا هئا. ان وقت جيڪڏهن ڪا پارٽي ڪميونزم جي حقيقي نظريي سان مالامال هجي ها ته سوشلسٽ انقلاب لاڳو ٿي پئي سگهيو. پر ائين نه ٿي سگهيو ۽ تحريڪ کي ڇهرن جي تبديليءَ ۽ پوءِ پهرين عام چوندن ذريعي هن نظام جي حدن اندر ئي قيد ڪيو ويو. ڀٽي ۽ ان جي پيپلز پارٽيءَ سوشلزم جو نعرو لڳايو هو، پر اقتدار ۾ ايندي ئي انهن نعرن سان غداري ڪندي سرمائيداري نظام ۽ ان پالتو رياست کي مضبوط ڪيو. عوامي تحريڪ جي دٻاءَ هيٺ هن ملڪ جي تاريخ جا سڀ کان وڏا سڌارا پورهيت طبقي لاءِ ڪيا ويا، پر بنيادي نظام تبديل نه ڪيو ويو، جنهن سبب حڪمراني سرمائيدار طبقي وٽ ئي رهي. انهن سڌارن جي باوجود مالي بحران ۽ ٻين مسئلن تي مڪمل طور تي ضابطو نه اچي

سگهيو ۽ پٽي جي عوامي حمايت آهستي آهستي گهٽجڻ شروع ٿي وئي. تحريڪ جي ناڪاميءَ جي صورت ۾ حڪمران طبقي فوجي آمر ضياءُ الباطل جي ذريعي فيصلائٽو ڌڪ هنيو ۽ نہ رڳو پٽي جو اقتدار ختم ڪيو ويو پر سمورن سڌارن کي ختم ڪرڻ جو سلسلو بہ شروع ڪيو ويو. اڄ اڌ صدي گذرڻ ڪانپوءِ حالتون اڳي کان وڌيڪ خراب ٿي چڪيون آهن ۽ انهن سڌارن جو نالو ۽ نشان بہ ختم ٿي ويو آهي. پٽي کي انقلابي تحريڪ سان غداري ڪرڻ جي سزا تہ ملي، پر ساڳئي وقت هن نظام جي حدن اندر رهندي سڌارن جون حدون بہ چٽيون ٿي پيون.

پاڪستان مظلوم قوميتن جو جيل خانو آهي ۽ انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو قيام هتي رهندڙ سمورين مظلوم قوميتن مٿان ٿيندڙ ظلم خلاف جدوجهد لاءِ بہ اها هڪ تاريخي پيش قدمي آهي. ان جو هڪ مثال بلوچستان آهي. هندستان جي ورهاڱي وقت قلات هڪ الڳ رياست هئي جنهن ۾ اڪثر بلوچ آبادي شامل هئي. پاڪستان جي نئين جنم وٺندڙ رياست جي حڪمران طبقن هندستان جي ورهاڱي جي خاص پس منظر کي جواز بڻائي ڪوڙن واعدن جي بنياد تي بلوچستان کي پاڪستان جي رياست جو حصو بڻايو. بلوچ قيادت ۽ رياست پاڪستان جي وچ ۾ ٿيل معاهدي تحت صورتحال بهتر ٿيڻ ڪانپوءِ بلوچ قيادت جي مطالبي تي پاڪستاني رياست قلات جي الڳ رياستي سڃاڻپ کي بحال ڪرڻ جي پابند هئي. پر انهيءَ حڪمران طبقي جا پهرين ڏينهن کان ئي سامراجي عزائم هئا ۽ انهن بلوچستان کي مستقل بنيادن تي پنهنجو مطيع ۽ غلام بڻائي ڇڏيو، جنهن خلاف بلوچ حريت پسندن طرفان مختلف وقتن تي چار وڏيون بغاوتون ڪيون ويون، پر پاڪستاني رياست جو اهو ڏاڍ ۽ جبر اڄا تائين برقرار آهي .

اسان جي پارٽي پاڪستاني رياست جي سامراجي ڪردار جي پُرزور مذمت ڪري ٿي ۽ مظلوم قومن جي وسيلن جي ڦرلٽ ۽ رياست جي جاري ظلم ۽ جبر جي خاتمي لاءِ پنهنجي جدوجهد جو اعلان ڪري ٿي. پر ساڳئي وقت انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو قيام هن ملڪ ۾ قومپرستيءَ جي نظرين خلاف بہ اعلان جنگ آهي. قومپرست نظرين بہ

هن ملڪ جي قومي آزاديءَ جي تحريڪن کي ناقابل تلافي هاڃو رسايو آهي ۽ انهن کي حڪمران طبقي يا سامراجي قوتن جي اثر هيٺ رکيو آهي. اسان جي پارٽي پُرعزم آهي تہ هن ملڪ ۾ قومي آزاديءَ جي تحريڪن کي انقلابي ڪميونزم جي نظرين سان جوڙڻ جو وچن ڪري ٿي ۽ انهن کي قومپرستيءَ جي تنگ نظريءَ ۽ سڙيل نظرين کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندي. قومپرستيءَ جا نظريا بہ هن سرمائيداري نظام کي ابدي ۽ ازلي سمجهن ٿا ۽ ان جي حدن اندر رهندي قومي مسئلي جو حل ڳولڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهي نظريا وقت ۽ حالتن جي ڪسوٽيءَ تي ڪيترائي ڀيرا غلط ثابت ٿي چڪا آهن ۽ ان تحت ڪيتريون ئي تحريڪون ماضيءَ ۾ بيشمار قربانين ۽ لازوال جدوجهد جي باوجود ڪامياب نہ ٿي سگهيون. اهڙيءَ طرح جيتوڻيڪ ڊڪيل انداز ۾ ئي سهي، حڪمران پارٽيون بہ ڪن مخصوص حالتن ۾ صوبائي ڪارڊ استعمال ڪندي قومپرستي جي جذبن کي جواز بڻائي (سنڌ کان ڪشمير تائين) رياست جي گروهن سان بارگيننگ لاءِ استعمال ڪنديون رهنديون آهن. انقلابي ڪميونسٽ پارٽي هڪ واضع طبقاتي پروگرام ۽ سوشلسٽ انقلاب جي نظرين جي بنياد تي قومپرستيءَ جي بيڪار نظرين کي بي نقاب ڪندي، قومي جبر جي مستقل خاتمي لاءِ جدوجهد جاري رکندي.

اڄ سرمائيداريءَ جي نامياتي زوال واري دور ۾ قومپرستيءَ جو سرمائيداريءَ وارو نظريو ڇوٽڪارو ڏياريندڙ نہ ٿو ٿي سگهي، پر اهو موقعي پرستي يا مهم جوئيءَ جهڙين انتهائن تي ئي پهچندو. قومي جبر جي خاتمي لاءِ جاري جدوجهد کي خطي ۾ پورهيت طبقي جي جدوجهد ۽ نظام جي خاتمي لاءِ انقلابي جدوجهد سان ڳنڍڻ تمام ضروري آهي ۽ اهو عمل ئي انهن تحريڪن جي ڪاميابيءَ جو ضامن بہ آهي.

هن وقت ملڪ جي واهڻ ۽ وستين ۾ مختلف مظلوم قومن جون شاندار عوامي تحريڪون هلي رهيون آهن، جن هتي هڪ نئين تاريخ رقم ڪئي آهي. خاص ڪري بلوچ عوام جي تازي جدوجهد ساراهہ جوڳي آهي، جتي رياست جي بدترين ظلم ۽ جبر جي باوجود لکين

ماڻهن احتجاجي جلسن ۽ جلوسن ۾ شرڪت ڪئي. بلوچستان کان ٻاهر بہ ڪراچيءَ کان اسلام آباد تائين انهن احتجاجن کي ڀرپور حمايت ملي آهي ۽ رياستي جبر خلاف بلوچ عوام جي جدوجهد سڄي ملڪ ۾ مقبوليت حاصل ڪري رهي آهي. دراصل ست ڏهاڪن کان هلندڙ هن قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ بلوچ عوامي تحريڪ هڪ نئين مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي آهي ۽ پهريون ڀيرو عام ماڻهن ان تحريڪ ۾ سڌيءَ ريت ايڏي وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي آهي. جيڪڏهن هن تحريڪ کي خطي جي ٻين پورهيت عوام جي تحريڪن سان ڳنڍيو وڃي ۽ سرمائيداري نظام جي خاتمي جي تحريڪ کي انقلابي بنيادن تي منظم ڪيو وڃي تہ ڪاميابيءَ جا امڪان موجود آهن. ان لاءِ سڀ کان پهرين ضروري آهي تہ هن تحريڪ تي حاوي قومپرست خيالن جي خلاف هڪ نظرياتي ويڙهہ وڙهجي، جيڪا انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ شروع ڪري ڇڏي آهي. ايندڙ دور ۾ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ انقلابي ڪميونزم جي سوچ کي هن تحريڪ ۾ شامل لکين ماڻهن تائين پهچايو وڃي تہ جيئن هن ڀيري اها تحريڪ ضايع ٿيڻ بدران ڪامياب ٿي سگهي. اها تحريڪ پنهنجي شروعات ۾ ئي ڊگهي عرصي کان موجود قومپرست اڳواڻن ۽ سياسي پارٽين کي رد ڪري هڪ نئين قيادت تراشي ڪڍي آئي آهي، جيڪو اڳيان جو هڪ قدم آهي. اهڙيءَ ريت هٿياربند جدوجهد جي غلط طريقي جي بدران احتجاج، جلوس، لانگ مارچ ۽ عوامي سياسي جدوجهد جو طريقو اختيار ڪرڻ جو قدم بہ ساراهہ جوڳو ۽ سيني لاءِ مشعل راهہ آهي. ان کان اڳتي جو قدم قومپرستيءَ جي نظرين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندي ڪميونزم جي نظرين تحت خطي جي ٻين عوامي تحريڪن سان اتحاد ڪرڻ ۽ سرمائيداريءَ جي خاتمي جي جدوجهد واري رستي تي هلڻ آهي. انهيءَ رستي تي هلندي قومي آزاديءَ جي منزل حاصل ٿيندي ۽ اسان جي پارٽي ان ۾ پنهنجو ڪردار ضرور ادا ڪندي.

پختون عوام جي مزاحمتي تحريڪ بہ ڪيترن ئي سالن کان هلي رهي آهي ۽ بدترين رياستي جبر، قتل، گرفتارين ۽ ٻين پابندين

باوجود جاري آهي. هن تحريڪ ۾ لکين ماڻهن مختلف وقتن تي شرڪت ڪئي آهي ۽ دهشتگرديءَ، فوجي آپريشن، رياستي جبر ۽ قومي وسيلن جي ڦرلٽ خلاف احتجاج ڪيو آهي. هن تحريڪ بہ ماضيءَ جي قومپرست پارٽين ۽ وڏن رهبرن کي رد ڪندي نئين قيادت جوڙي آهي. ان کان علاوه ڪيترن ئي هنڌن تي رياستي ادارن تي پروسو ڪرڻ بدران پاڻمرادو عوامي ڪميٽين جو قيام دهشتگرديءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ اهم ۽ اڳتي جي وک آهي. اهڙيءَ ريت هن تحريڪ ۾ عورتن جو ڪردار ۽ نوجوانن جي وڏي پئماني تي شموليت ڪارڻ اها ڳالهہ بنهہ چٽي ٿي پوي ٿي تہ سماج جا اهي حصا بنيادي تبديليءَ جي عمل مان گذري رهيا آهن ۽ ان تحريڪ جي آڌار تي ٿيندڙ احتجاجن مان بہ اهو ئي ظاهر ٿئي ٿو. پر ان تحريڪ کي قومپرستيءَ جي بيڪار نظرين تحت محدود ڪري قيد ڪيو پيو وڃي ۽ ان جي قيادت انهن نظرين ڪارڻ تحريڪ جي دشمنن سان ياڪر پائي رهي آهي. قومپرستيءَ جي تنگ نظريءَ تحت جن سياسي، مذهبي قيادتن عوام دشمن قوتن کي عوام بار بار رد ڪري ٿو، انهن کي تحريڪ جي مٿان مڙهي تحريڪ کي تباهہ ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون وڃن ٿيون. پر تحريڪ ۾ شامل عام ماڻهن قيادت جي انهن خوفناڪ غلطين جي باوجود ان تحريڪ کي جاري رکيو آهي ۽ ان کي علائقي جي ٻين عوامي تحريڪن سان ڳنڍڻ جي ڪوشش به ڪئي آهي. ايندڙ دور ۾ اهڙيون وڌيڪ تحريڪون اُڀرڻ جا امڪان آهن ۽ انهن کي انقلابي ڪميونزم جي نظريي تحت ٻين تحريڪن سان ڪاميابيءَ سان ڳنڍي سگهجي ٿو. ان عمل ۾ انقلابي ڪميونسٽ پارٽي پنهنجو ڪردار ادا ڪندي مظلوم قومن کي پاڪستاني رياست جي ظلم کان هميشہ لاءِ آزاد ڪرائي سگهي ٿي.

قومپرست نظرين سنڌ ۾ بہ عوامي تحريڪن کي نقصان پهچايو آهي. حڪمران طبقن قومپرست قوتن کي استعمال ڪري اتان جي پورهيتن جي طبقاتي ايڪتا کي ٽوڙڻ جون ڪوششون ڪيون آهن. پيپلز پارٽي گذريل ڏيڍ ڏهاڪي کان بہ وڌيڪ عرصي کان هتي اقتدار ۾ آهي ۽ هتان جي وسيلن کي لُٽي حڪمرانن جون تجوڙيون ڀري رهي

آهي. جڏهن تہ سنڌ جو عوام بدترين غربت، محرومي ۽ ذلت جي زندگي گهارڻ تي مجبور آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اها پارٽي عوامي حمايت وڃائي چڪي آهي ۽ هاڻي اسٽيبلشمينٽ ۽ مقامي عوام دشمن ۽ ڌوهاري عنصرن جي زور تي سماج مٿان مڙهيل آهي. ايندڙ انقلابي تحريڪ هن پارٽيءَ کي ختم ڪري ڇڏيندي ۽ ان جي جاءِ تي انقلابي پروگرام سان گڏ هڪ نئين سياسي قوت کي اسرڻ جو موقعو ملندو. هتان جون قومپرست پارٽيون پيپلز پارٽيءَ جيان عوامي حمايت حاصل نہ ڪري سگهيون ۽ حڪمران طبقي جو اوزار بڻجي ويون آهن. ماضيءَ ۾ سماج جي ڪجهہ پرتن ۾ انهن جي جيڪڏهن ٿوري گهڻي حمايت هئي، سا بہ نظرياتي غدارين ۽ حڪمرانن جي ڪٺ پتلي ٿيڻ سبب ختم ٿي وئي آهي.

ايم ڪيو ايم پڻ گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان مسلسل وفاقي حڪومتن جو حصو رهي آهي ۽ عوام تي ٿيندڙ هر ظلم ۾ برابر جي شريڪ رهي آهي، اهو ئي سبب آهي جو اڄ سنڌ جي مهاجرن مان ان جي حمايت ختم ٿي چڪي آهي. ان صورتحال ۾ جتي ڏهاڪن کان مڙهيل رجعت پسند ۽ عوام دشمن قوتون ڪمزور ٿي رهيون آهن، اتي حڪمران عوام کي قومي، لساني ۽ فرقيوارانہ فسادن ۾ ڌڪڻ جا نوان منصوبا جوڙي رهيا آهن. ان صورتحال ۾ جديد انقلابي قوتن جي اسرڻ جا امڪان بہ وڏي پيماني تي موجود آهن. انقلابي ڪميونزم جي نظرين تحت انهن عوام دشمن قوتن جو مڪمل خاتمو ڪري سگهجي ٿو.

جتي قومپرستيءَ جا نظريا مري رهيا آهن اتي سنڌ کان وٺي گلگت تائين ۽ ڪشمير کان وٺي گوادر تائين پاڪستان ۾ مظلوم قوميتن تي ظلم وڌي رهيو آهي ۽ نظام جي خرابيءَ جو اثر انهن علائقن جي عوام کي احتجاج ڪرڻ تي مجبور ڪري رهيو آهي. اصل ۾ هيءَ رياست مذهبي بنيادن تي بنگال ۽ پنجاب جي خوني ورهاڱي مان پيدا ٿي هئي ۽ ورهاڱي جا اهي زخم اڄ بہ تازا آهن. مصنوعي بنياد تي ٺهيل رياست ڪڏهن بہ مستحڪم سرمائيدار رياست نہ بڻجي سگهي ۽ مسلسل ڏڦيڙ جو شڪار رهي آهي.

حقيقت ۾ مذهبي فسادن مان جنم وٺندڙ هن رياست کي ستن ڏهاڪن کانپوءِ به قائم رکڻ لاءِ ضروري آهي ڏقيڙ وارو ماحول قائم رهي ۽ گڏوگڏ مذهبي، قومي، لساني ۽ ثقافتي جبر ۽ جهيڙا جهڳڙا اٿندا رهن. انهيءَ ڪري جيڪڏهن امن جي خواهش رکندڙ ڪنهن ماڻهوءَ کي اهو لڳي ته ڪنهن خاص جماعت يا شخص جي اقتدار ۾ اچڻ سان يا ڪنهن اهم رياستي عهدي تي فائز ٿيڻ سان ملڪ ۾ امن اچي ويندو، مذهبي فساد ختم ٿي ويندا، قومي جبر ختم ٿي ويندو يا هندستان سان ناهه ٿي ويندو هو ته اهو ماڻهو بيوقوفن جي جنت ۾ رهي ٿو. جيستائين هي نظام موجود آهي ۽ برطانوي سلطنت جي پاليسين تي عمل ڪندڙ حڪمران آهن، تيستائين اهڙو ڪجهه به نه ٿيندو ۽ جيڪو به حڪمران ايندو، اهو عوام کي ورهائڻ، قتل و غارت ۽ افراتفري پکيڙڻ لاءِ انهن تڪرارن کي اڳتي وڌائيندو ۽ ان ڏقيڙ سبب ئي سرمائيدار طبقي جي جاري ڦرلٽ کي تحفظ مهيا ڪندو. ڪجهه آئيني ترميمن، چند قانونن جو خاتمو يا چند سڌارن سان هن نظام ۽ رياست جو بنيادي ڪردار تبديل نه ٿيندو پر هر ظاهري طور تي ترقي پسند نظر ايندڙ آئيني ۽ قانوني قدم دراصل رجعت پسندي ۽ بنياد پرستيءَ کي اجا به وڌيڪ وڌائيندا.

ملڪ ۾ مذهبي جماعتن جي نهڻ ۽ ترقيءَ جو عمل به ان تسلسل جو هڪ حصو آهي ۽ انگريز سامراج جي دور کان وٺي ساڳيءَ ريت جاري آهي. انهن پارٽين کي ڪڏهن به وڏي عوامي مقبوليت حاصل نه رهي آهي ۽ تحريڪن ۾ ڪين ڪيترائي ڀيرا عوام رد ڪيو آهي. پر حڪمرانن جي حمايت ۽ سرمائيدار طبقي جي وسيلن جي زور تي، اهي وري نون نالن سان سامهون اچن ٿيون ۽ حڪمرانن جي ايجنڊا کي عوام تي لاڳو ڪن ٿيون. عوامي حمايت جي غير موجودگيءَ جي باوجود، انهن جي پرورش ڪئي ويندي آهي ۽ رياستي پنيرائيءَ سان مختلف مقصدن لاء استعمال ڪيو ويندو آهي. انهن کي چوندن ۾ سيٽون ڏيارڻ کان وٺي انهن جي سرڪاري آشيرواد سان گڏجاڻيون ڪرڻ ۽ انهن کي هٿياربند ٽريننگ ڏيڻ کان وٺي انهن کي عدالتي ۽ قانوني تحفظ ڏيڻ تائين، سڀ تدبيرون ان پاليسيءَ جو حصو آهن. حقيقت ۾

ملڪ ۾ ٿيندڙ اڪثر دهشتگرد ڪارروائين ۾ رياستي سهڪار جا ثبوت مليا آهن ۽ اهو واضع ٿي چڪو آهي تہ اهي ڪارروايون رياستي ادارن جي آشيرواد کانسواءِ ممڪن ئي ناهن. حڪمران طبقا ايندڙ دور ۾ بہ انهن عنصرن کي عوامي تحريڪن کي دبائڻ لاءِ استعمال ڪندا رهندا ۽ عوام جي انتهائي حساس مذهبي عقيدن کي پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ رجعت پسند جانورن کي کلي ڇوٽ ڏيندا. پر هن ملڪ جي عوامي تحريڪن انهن عوام دشمن قوتن خلاف ماضيءَ ۾ بہ ڪاميابيءَ سان وڙهيو آهي ۽ مستقبل ۾ بہ ائين ڪنديون رهنديون.

## ڪشمير ۽ گلگت بلتستان

انقلابي ڪميونسٽ پارٽي پاڪستان جي ننڍين وڏن واهڻن، وستين کانسواءِ هن رياست جي قبضي هيٺ آيل علائقن ۾ بہ انقلاب جي جدوجهد جاري رکندي ۽ انهن علائقن جي انقلابي ڪارڪنن کي بہ پاڪستان جي ڪارڪنن سان گڏ جمهوري مرڪزيت جي اصول تحت منظم ڪندي. انقلابي ڪميونسٽ انٽرنيشنل جو حصو هئڻ ڪري اسان جي پارٽي ڪنهن هڪ ملڪ، خطي يا ڪنڊ جي پارٽي نہ آهي، پر هڪ بين الاقوامي پارٽي آهي جيڪا پوري دنيا جي پورهيت طبقي کي متحد ڪندڙ انٽرنيشنل آهي. ان انٽرنيشنل تحت سڄي دنيا ۾ سرمائيداريءَ جي خاتمي لاءِ جدوجهد جاري آهي ۽ عالمي سوشلسٽ انقلاب اسان جو آخري مقصد آهي. ان ئي تسلسل ۾ انقلابي ڪميونسٽ پارٽي، پاڪستان ۽ ان جي قبضي هيٺ علائقن ۾ سوشلسٽ انقلاب لاءِ جدوجهد کي جمهوري مرڪزيت جي اصولن تحت منظم ڪندي جوڙجڪ ترتيب ڏيندي.

ڪشمير جي آزاديءَ جي جدوجهد به سوشلسٽ انقلاب کان سواءِ مڪمل ٿي نہ ٿي سگهي. گذريل ستن ڏهاڪن جي تاريخ مان جيڪڏهن ڪو سبق سکي سگهجي ٿو ته اهو آهي تہ قومپرستي ۽ اسلامي بنياد پرستيءَ جا نظريا مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪا آهن ۽ انهن تحت خطي کي آزاد نٿو ڪري سگهجي. اهڙيءَ ريت گذيل قومن

جي نهرائن جي حقيقت، يورپي يونين ۽ ٻين سامراجي طاقتن جي حمايت يا پاڪستان جي حڪمرانن جي پنهنجي سامراجي عزم لاءِ اڳتي وڌڻ جي حقيقت ٻه عوام آڏو واضع ٿي چڪي آهي. حقيقت ۾ ڪشمير جي آزاديءَ جي نالي تي جتي پاڪستان جي حڪمرانن ڪشميرين کي ڦريو آهي ۽ پنهنجي قبضي هيٺ آيل سرزمين تي پنهنجو ڏاڍ برقرار رکيو آهي، اتي پاڪستان جي عوام کي ٻه ٻاهرين جنگ سبب ديڇاريو ۽ ڦريو به آهي.

ڪشمير ۾ قائم ڪيل نام نهاد آزاد ڪشمير رياست آڪٽوبر 1947ع ۾ پاڪستان جي رياست دنيا کي دوکو ڏيڻ لاءِ آزاد حڪومت جو مصنوعي تصور ڏنو هو، پر حقيقت ۾ ڪشمير جو علائقو شروع کان ئي ڪالوني طور هلايو پيو وڃي. هن آزاد رياست جو اصل حال تازو عوامي تحريڪ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر سامهون آيو آهي ته اها نالي ماتر آزاد حڪومت ڪيتري لاچار ۽ بيوس آهي، جڏهن ته ڪشمير جي سامراجي ورڇ ۽ ڄمون  ڪشمير جي حقيقي خودمختياري ۽ آزادي ننڍي کنڊ ۾ سوشلسٽ فيڊريشن ذريعي ئي ممڪن آهي.

ٻئي طرف ڀارت جي حڪمران طبقي جو ظلم ۽ جبر ٻه وڌي رهيو آهي ۽ آگسٽ 2019ع ۾ موديءَ جي وحشياڻي ڪارروائيءَ ڪانپوءِ والاريل ڪشمير جي خاص حيثيت ٻه ختم ٿي وئي آهي. ان کان پوءِ مسلسل ايمرجنسيءَ جي صورتحال رهي آهي پر آزاديءَ جي تحريڪ کي مڪمل طور دٻائي نه سگهيا آهن، جيڪا ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ پنهنجو اظهار ڪندي رهي ٿي. هن تحريڪ کي هندستان جي پورهيت طبقي جي عام تحريڪ سان ٻه ڳنڍڻ جي ضروري آهي، جڏهن ته هتي انقلابي ڪميونسٽ ڪشمير جي آزاديءَ جي تحريڪ کي پاڪستان جي پورهيت عوام جي جدوجهد سان ڳنڍي رهيا آهن.

تازو ئي بجليءَ ۽ اٽي جي اگهن ۾ واڌ خلاف تحريڪ پاڪستان ۾ هڪ نئون بحث شروع ڪيو آهي ۽ جنهن ريت درياهه جو پاڻي جبلن مان وهي ميدانن ۾ فصلن کي سيراب ڪري ٿو، تيئن آزاد

ڪشمير جي عوامي ايڪشن ڪميٽيءَ جي ڪامياب تحريڪ پاڪستان جي عوامي ذهنن جي آبياري ڪئي آهي. ايندڙ دور ۾ اهي انقلابي نظريا وڌي وڻ بڻجي ويندا ۽ هن ملڪ ۾ انقلاب جو هڪ نئون فصل تيار ٿيندو.

گلگت بلتستان جو خطو به پاڪستاني رياست جي جبر ۽ ڏاڍ جو شڪار آهي ۽ هتي به پاڪستاني رياست وسيلن جي ڦرلٽ ڪري رهي آهي جڏهن ته عوام کي قومي محرومين سان گڏ بک، بيماري ۽ ذلت جي ور چاڙهيو پيو وڃي. پنجن ملڪن جي ميلاپ تي جڙيل هي خوبصورت خطو معدني دولت سان مالا مال آهي پر هن نظام هيٺ هتان جا ماڻهو بدترين زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. صحت ۽ تعليم جون سهولتون نه هجڻ  ڪري بيروزگاري وڌي رهي آهي، جنهن ڪارڻ نوجوان وڏي انگ ۾ لڏپلاڻ تي مجبور آهن. بجلي، پيئڻ جو پاڻي ۽ ٻيون بنيادي سهولتون اڻلڀ آهن ۽ ماڻهو سخت موسمن ۾ سخت زندگي گهارڻ تي مجبور آهن.

نومبر 1947ع ۾ پاڪستان جي رياست غير اعلانيه طور تي گلگت بلتستان کي پنهنجي انتظامي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو هو ۽ گذريل 77 سالن کان گلگت بلتستان کي پنهنجي قبضي ۾ رکي ان جي عوام کي جديد بينڪيتي نظام ۾ جڪڙي رکيو آهي. هتان جي عوام کي سمورن بنيادي انساني، جمهوري، معاشي ۽ سياسي حقن کان مڪمل طور تي محروم رکيو ويو آهي ۽ هتان جا سيئي اندروني معاملا ايگزيڪيوٽو آرڊر 2018 تحت هلائيندي هتان جي معدني ۽ قدرتي وسيلن کي سرمائيدار ڪمپنين کي ڪچري جي مُلهه ۾ وڪرو ڪيو پيو وڃي. گلگت بلتستان ۾ جي بي گورنمينٽ آرڊر 2018 جي بنياد تي رياست پاڪستان به هتي هڪ نمائشي اسيمبلي ۽ ڊمي حڪومت قائم ڪئي وئي آهي. پاڪستان جي رياست هن ڊمي حڪومت جي آڙ ۾ هتان جي عوام جي تقدير جي مالڪ بڻجي پئي آهي ۽ ان ظلم ۽ استحصال جي خلاف مقامي ماڻهن جي آواز اٿارڻ تي تمام ظالماڻي ۽ وحشياڻي انداز ۾ احتجاج کي دٻايو ويندو آهي. عوامي تحريڪن کي دٻائڻ لاءِ نيو

ڊيموگرافڪ ڪنٽرول برقرار رکڻ لاءِ رياست بار بار هتي فرقيوارانا فساد برپا ڪرايا آهن. جڏهن هتان جي عوام پنهنجي مزاحمت ذريعي فرقيواريت جي نون ڊيموگرافڪ جي ڪڏي ڪم کي ناڪام بڻائي ڇڏيو تہ هاڻي دهشتگرديءَ جي خاتمي واري ايڪٽ ۽ سائبر ڪرائم ايڪٽ جهڙن جابر قانونن ذريعي نوجوانن تي بي بنياد پابنديون لاڳو ڪندي سندن کي حقن جي جنگ وڙهڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

ان سان گڏ جتي موسمياتي تبديليون سڄي خطي کي متاثر ڪري رهيون آهن، اتي گلگت بلتستان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿي رهيو آهي. گليشيئر پگهرجي رهيا آهن، موسم سخت ٿي رهي آهي، جانور ۽ نباتات متاثر ٿي رهيا آهن ۽ سڄي علائقي جي آبادي قدرتي آفتن جي خطرن کي منهن ڏئي رهي آهي. حقيقت ۾، موسمياتي تبديلي هن خطي جو هڪ اهم مسئلو آهي جنهن لاءِ سرمائيدارانٽي بنيادن تي ڪو بہ حل ناهي. اهو مسئلو اهو بہ واضح ڪري ٿو تہ مسئلا ڪنهن هڪ ملڪ جي حدن ۾ حل نہ ٿا ڪري سگهجن ۽ ان لاءِ عالمي ڪوششن جي ضرورت آهي. هن نظام هوندي گلگت بلتستان سميت سڄي خطي ۾ ٻوڏ ۽ ٻين قدرتي آفتن جي تباهيءَ جا امڪان آهن. پاڪستان ۾ اڳ ئي گرميءَ جي لهر، سامونڊي طوفان، طوفاني برساتن، هوائن ۽ ٻين آفتن سبب ڪيترين ئي زندگيون تباهہ ٿي چڪيون آهن ۽ مستقبل ۾ انهن کي روڪڻ لاءِ ڪا حڪمت عملي ڪونهي. بلڪه هر قسم جا جارحاڻا قدم کنيا پيا وڃن، جن ۾ ٻيلن جي واڍيءَ کان وٺي زرخيز زرعي زمينن تي قبضي ۽ لکين ايڪڙ هائوسنگ سوسائٽيون ناهڻ تائين، جيڪي ماحول کي وڌيڪ نقصان رسائي رهيا آهن. اهڙيءَ صورت ۾ ان مسئلي جو حل بہ هن سرمائيداري نظام جي خاتمي سان جڙيل آهي. گلگت بلتستان جي قومي محرومين جي پڄاڻي بہ ان نظام جي خاتمي سان ڳنڍيل آهي ۽ هتان جي عوامي تحريڪن کي پاڪستان ۽ ٻين خطن جي عوامي تحريڪن سان ڳنڍي انقلابي بنيادن تي منظم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان لاءِ انقلابي ڪميونسٽ پارٽي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندي.

# مزدور تحريڪ ۽ انقلاب جو تناظر

هن وقت ملڪ ۾ پورهيت طبقي تي بدترين حملا ٿي رهيا آهن. عملي طور تي انهن کان يونين جو حق کسيو ويو آهي، گڏوگڏ اهي پينشن جي حق، مستقل روزگار، ڪم جو مقرر وقت ۽ اجرتن جي بروقت ادائيگيءَ جي حق کان بہ محروم ڪيا ويا آهن. اڪثر ادارن ۾ ٽن کان ڇهن مهينن جون ادائيگيون هڙپ ڪري مزدورن کي ادارن مان نيڪالي ڏيڻ بہ معمول بڻجي ويو آهي. يعني پورهيت جي محنت ايتري تہ سستي ٿي پئي آهي جو هو ڪيترن ئي مهينن تائين ٺلهو پگهار ملڻ جي اميد تي ئي ڪم ڪندو رهي ٿو. ٻئي پاسي سرمائيدار اجرتن کي گهٽائيندي گهٽائيندي ان سطح تائين ڪٽي آيا آهن، جو هاڻي ڪيترن ئي هنڌن تي وڏي عرصي تائين بغير ڪنهن اجرت جي ڪم ورتو وڃي ٿو. اهڙيءَ ريت ڪم جو وقت انن ڪلاڪن کان وڌي ڪري سورهن ڪلاڪن تائين پهچي ويو آهي، جڏهن تہ هفتيوار موڪل جو تصور به ختم ٿي رهيو آهي. نجڪاري (پرائيويٽائيزيشن) ۽ ڇانٽي (ڊائون سائزنگ) جا بدترين حملا سرڪاري کاتن تي بہ ٿي رهيا آهن، صحت ۽ تعليم جهڙن بنيادي کاتن کي بہ خانگائڻ جو عمل تيزي سان جاري آهي.

ان صورتحال ۾ مزدور تحريڪ جي قيادت وٽ ڪو بہ لائحہ عمل ڪونهي ۽ هو حڪمران طبقي جي اشارن تي هلن ٿا ۽ جيڪڏهن مزاحمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا تہ انهن وٽ واضع نظريو ۽ سياسي پليٽ فارم ڪونهي. اهڙي صورتحال ۾ انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو قيام ملڪ جي پورهيت تحريڪ لاءِ هڪ اهم سنگ ميل آهي.

اسان جو مقصد جتي اُجرتن جي ادائيگي ۽ واڌ لاءِ ويڙهہ ڪرڻ ۽ فوري مطالبن جي حل لاءِ تحريڪ کي منظم ڪرڻ آهي، اتي اسان جي ڀهرين ترجيح مزدور تحريڪ ۾ اهي نظريا پکيڙڻ آهي تہ هن نظام جي مڪمل خاتمي جي جدوجهد ئي پورهيت جي آخري منزل هجڻ گهرجي. هر احتجاج، هڙتال ۽ مظاهري ۾ جتي فوري مطالبن جي حمايت ڪرڻي آهي، اتي ان ڳالهہ تي به زور ڏيڻو آهي تہ سڀني مسئلن جي پاڙ

سرمائيداري نظام آهي ۽ ان کي ختم ڪرڻ لاءِ پورهيت طبقي کي پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

هن ملڪ ۾ سوشلسٽ انقلاب جي اڳواڻي مزدور طبقو ڪندو، جڏهن ته سماج جا ٻيا مظلوم طبقا ۽ عوام ان طبقي جي اڳواڻيءَ ۾ سرمائيدار طبقي خلاف فيصلائتي ويڙهه وڙهندا. پورهيت طبقي جو اهو تاريخي ڪردار هن نظام ۾ موجود ان جي طبقاتي حيثيت مان عطا ڪيل آهي. هن نظام ۾ پيداواري ذريعن سان هن جو سماجي لاڳاپو هن کي اهو ڪردار عطا ڪري ٿو، ۽ هڪ انقلاب کان پوءِ پيداوار جي انهن وسيلن کي اجتماعي ملڪيت ۾ وٺندي مزدور رياست جي قيام ۽ تعمير ۾ پڻ اڳواڻيءَ جو ڪرادر ادا ڪري ٿو.

انقلابي ڪميونسٽ پارٽي ان نظريي تحت پورهيت طبقي جي اڪثريت جي حمايت سان انقلاب جي اڳواڻي سنڀاليندي ۽ پنهنجي سياسي پروگرام کي ان نظريي تحت عوام جي وسيع پرتن تائين پهچائي انقلاب جي جدوجهد ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي. جيڪڏهن هن ملڪ جا پورهيت ملڪ گير عام هڙتال شروع ڪن ته ملڪ جو ڦيٿو جام ٿي سگهي ٿو. عام هڙتال دوران سموريون ريلون، هوائي جهاز ۽ بندرگاهن جي اچ وڃ بند ٿي ويندي، بجلي ۽ ٽيليفون سميت سروس جا سيئي شعبا بند ٿي ويندا، سموري صنعتي پيداوار بند ٿي ويندي ۽ سڄي سماج جي هلچل رڪجي ويندي. اهڙي عام هڙتال ۾ جتي حڪمران طبقي جي طاقت لڏڻ شروع ڪندي، اتي مزدور طبقي کي به پنهنجي طاقت جو احساس ٿيندو ته اهي ئي اصل ۾ هن سماج کي هلائيندڙ آهن. جيڪڏهن اهي ان کي بند ڪري سگهن ٿا، ته اهي ان کي هلائي به سگهن ٿا. اتي طاقت جو سوال واضع طور تي ابري ٿو ۽ انقلاب جو فيصلو ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو. ان موقعي تي جيڪڏهن انقلابي ڪميونسٽ پارٽي عوام جي اڪثريت جي حمايت سان سرمائيداريءَ جي خاتمي جو اعلان ڪري ته پوءِ انقلاب ڪاميابيءَ سان عمل ۾ اچي سگهي ٿو. يقيناً اهو سمورو عمل مختلف تضادن، سياسي پيچيدگين ۽ دشمنن جي حملن جي ڪري ڪڏهن به سڌي لڪير ۾ نه

ايندو، پر اهڙي عام صورتحال هتي اڳ به پيدا ٿي چڪي آهي ۽ مستقبل ۾ به اهڙي ئي صورتحال پيدا ٿيڻ جا امڪان آهن.

ان سلسلي ۾ ملڪ جي نوجوانن جو ڪردار به انتهائي اهم آهي، جيڪي هن وقت هن نظام جي تباهيءَ جا سڀ کان وڌيڪ شڪار آهن. هي نئون نسل هڪ اهڙي دور ۾ اسريو آهي، جڏهن انهن جي اڳيان زندگي گهارڻ جا سڀ رستا بند ڪيا پيا وڃن ۽ ان جو متبادل صرف انقلاب ئي وڃي بچيو آهي. سوشل ميڊيا ۽ ٻين ذريعن سبب هن نوجوان نسل تي انقلاب مخالف سوچن ذريعي حملا ڪيا وڃن ٿا ۽ نوجوانن کي ويڳاڻپ ، ڏوهن، منشيات ۽ ٻين غير سياسي سرگرمين ڏانهن ڌڪيو پيو وڃي. پر جڏهن هي نسل انقلابي صورتحال ۾ داخل ٿيندو ته ان جو عام طور تي هن جي سياسي شعور گذريل سڀني نسلن کان اونچو ثابت ٿيندو ۽ اهو پورهيت طبقي جي اڳواٽيءَ ۾ انقلاب کي مڪمل ڪندو. اصل ۾ پاڪستان جي آباديءَ جي اڪثريت نوجوانن تي مشتمل آهي ۽ پورهيت طبقي ۾ به اڪثريت نوجوانن جي آهي، توڙي جو گهٽائي تعليم جي زيور کان محروم رهيا آهن.

انهن نوجوانن ۽ پورهيتن ۾ عورتن جو تناسب به اڌ جي ويجهو آهي. اهي عورتون به هن سماج ۾ ٻيڻي ۽ ٽيڻي جبر ۽ استحصال جو شڪار آهن. اُهي هن سماج جي سڀ کان مظلوم پرت آهن، جتي مالي بحران سبب سندن صحت ۽ تعليم تي خرچن ۾ ڪٽوتي ڪئي وڃي ٿي، اُتي هر رجعت پسند ۽ عوام دشمن قوت عورتن تي جبر ۾ اضافي سان پنهنجي شروعات ڪري ٿي. ڪابل ۾ طالبان جي دهشت ٻيهر مڙهجڻ کان پوءِ عورتن تي سڀ کان وڌيڪ ظلم ڪيا ويا آهن. هتي به قانون، سياست، مذهبي اڳواڻ يا پاڙي جا دانشور پنهنجي ظلم جو سڀ کان پهريون شڪار عورتن کي ئي بڻائيندا آهن. هن نظام جو خانداني نظام به زوال پذير آهي ۽ ٽٽي رهيو آهي. جنهن ڪري خاندان اندر به عورتن تي ظلم وڌي رهيو آهي. هن ملڪ ۾ ايندڙ انقلاب جي ڪاميابيءَ جو سڀ کان وڏو پئمانو اهو هوندو ته ان ۾ سڀ کان وڌيڪ مظلوم پرتن جو وڏو تعداد شامل هجي. حقيقت ۾ روس ۾ 1917ع جو انقلاب پورهيت

عورتن جي احتجاج سان ئي شروع ٿيو هو، اتي ٻه عورتون اهڙين ئي حالتن جو شڪار هيون. انقلابي ڪميونسٽ پارٽي عورتن تي ٿيندڙ صنفي جبر ۽ ظلم جي خاتمي لاءِ جدوجهد کي تيز ڪندي ۽ هتي سرمائيداراڻي نظام جو خاتمو ڪندي عورتن تي ٿيندڙ ظلم سميت هر قسم جي صنفي ۽ جنسي جبر جو خاتمو آڻيندي ۽ کين هن ٻٽي جبر کان هميشه لاءِ نجات ڏياريندي.

# دستاويز نمبر 2

## انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ وٽ عوامي مسئلن جو ڪهڙو حل آهي؟

سوشلسٽ انقلاب ڪانپوءِ پاڪستان ڪيئن هوندو؟ انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ وٽ غربت، مهنگائي، بيروزگاري، مفلسيءَ، لاعلاجيءَ، جهالت، بي گهري، ٻاهريان ۽ اندريان قرض، جابر نيم-نوآبادياتي رياستي ڍانچي، زرعي مسئلن، ماحولياتي تباهي، قومي جبر ۽ صنفي جبر جهڙن مسئلن جو حل ڇا آهي؟ جيئن ته انهن مسئلن جي نوعيت مان واضح آهي ته انهن کي حل ڪرڻ لاءِ وڏي پئماني تي وسيلن جي ضرورت پوندي، تنهن ڪري ڪو به سمجهدار پڙهندڙ اهو سوال پڇڻ جو پورو حق رکي ٿو ته ڇا پاڪستان وٽ ايترا وسيلا آهن؟ ان ڪري، بحث کي اڳتي وڌائڻ کان اڳ، اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته 25 ڪروڙن جي آباديءَ وارو هي سماج ڪيتري دولت پيدا ڪري ٿو ۽ سرمائيداراڻي نظام جي ڦرلٽ ۽ استحصال جي نتيجي ۾ اها سموري دولت چند ملڪي ۽ غير ملڪي سرمائيدارن، فوجي ۽ سول رياستي اشرافيا ۽ عالمي مالياتي ادارن جي خزاني ۾ وڃي ٿي. اسان وٽ هتي ايتري گنجائش نه آهي ته پاڪستان جي معاشي تفصيلن ۾ وڃون، پر ڪجهه موٽا موٽا انگ اکر واضع ڪن ٿا ته اصل مسئلو وسيلن جي کوٽ ناهي، پر سرمائيدارانه نظام، حڪمران سرمائيدار طبقو ۽ ان جي پاليل رياست جو طبقاتي استحصال ۽ ڦرلٽ آهي. ڇا توهان کي خبر آهي ته مالي سال 2024ع ۾ پاڪستان حڪومت آءِ ايم ايف جي حڪم تي عوام جا هڏ نچوڙي 9300 ارب رپين جو ٽيڪس ګڏ ڪيو آهي. ياد رهي ته ان ٽيڪس آمدنيءَ جو اڌ حصو پورهيت طبقي جي مٿان لڳايل اڻ سڌي طرح ٽيڪسن منجهان ايندو آهي، جڏهن ته باقي اڌ مان هڪ حصو سڌيءَ طرح لڳايل ٽيڪسن مان ايندو آهي، جنهن جو وڏو حصو پگهاردار وچولي طبقي ۽ ننڍن ڪاروبارين تي لڳل سڌي ٽيڪس مان ګڏ ڪيو ويندو آهي. پر اصل ظلم اهو آهي ته ان ئي مالي سال 2024ع ۾ حڪومت

8300 ارب رپيا انهن پرڏيهي ۽ اندروني قرضن جي اصل موڙي ۽ وياج جي ادائگيءَ تي خرچ ڪيا، جيڪي نہ تہ پاڪستان جي پورهيت عوام ورتا هئا ۽ نہ ئي وري سندن مٿان خرچ ٿيا. اهڙيءَ ريت هڪ تازي شايع ٿيل رپورٽ موجب حڪومت گذريل ڏهاڪي دوران IPPs (جن ۾ گهٽ ۾ گهٽي قدر نجي پاور پلانٽ ۽ ڪجهہ ڪارپوريٽ طريقي وانگر هلندڙ پبلڪ سيڪٽر پاور پلانٽس شامل آهن) کي ڪئپيسٽي پيمنٽس (يعني ان بجليءَ جي ادائگيءَ لاءِ جيڪا انهن IPPs ڪڏهن بہ پيدا نه ڪئي هئي) جي مد ۾ 8344 ارب رپيا ادا ڪيا. جيڪو موجوده ڊالر جي مٽا سٽا جي شرح تي لڳ ڀڳ 30 ارب ڊالر ٿئي ٿي. ياد رهي تہ اها رقم نام نهاد گيم چينجر پروجيڪٽ CPEC (دراصل چيني ايسٽ انڊيا ڪمپني) انهيءَ عرصي دوران ڪيل سڄي پرڏيهي سيڙپڪاري کان وڌيڪ آهي. ان کان علاوه هلندڙ مالي سال 2025ع ۾ انهن آءِ پي پيز IPPs ڪمپنين کي ڪيپيسٽي پيمنٽ جي مد ۾ 2800 ارب رپيا ادا ڪيا ويندا، جنهن جو وڏو حصو نجي سرمائيدارن جي تجوڙين ۾ ويندو. اهڙيءَ ريت سال 2023ع ۾ جڏهن عوام جو معاشي قتل عام ٿي رهيو هو تہ 83 وڏين ڪارپوريٽ ڪمپنين سميت ڪراچي اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ درج ٿيل يا لسٽ ۾ چڙهيل بئنڪن 1660 ارب روپين جو منافعو ڪمايو. اهي تہ انهن جا پنهنجا انگ اکر آهن جڏهن ته اصل منافعو ان کان به تمام گهڻو هوندو. ڪجهہ سال اڳ 2021ع ۾ UNDP جي NHDR رپورٽ ۾ انڪشاف ٿيو تہ پاڪستان جي حڪومت سرمائيدارن، بئنڪن، وڏن واپارين، زميندارن، جنرلن، ججن، سول آفيسر شاهي وغيره کي هر سال 2700 ارب روپين جي معاشي مراعتن (مفت سرڪاري زمين، سستي بجلي، قرض، ٽيڪس ڇوٽ وغيره) سان نوازيو آهي ۽ يقينن انهن مراعتن ۾ اڃا بہ وڌيڪ اضافو ٿيو هوندو. اهڙيءَ طرح سال 2023ع جي حاصل ڪي انگن اکرن مطابق پاڪستان ۾ هلندڙ ڏهن وڏين خانگي بئنڪن جي ڪل اثاثن جي ماليت 100 ارب ڊالرن کان به وڌيڪ هئي. اهو ياد رکو ته نجي بئنڪون ۽ IPPs پاڪستان جي ڪارپوريٽ سيڪٽر ۾ سڀ کان وڌيڪ ڦرلٽ ۽ منافعي خوري ڪرڻ وارا محڪما آهن. اهڙيءَ طرح (بينڪن کان علاوه) ريئل اسٽيٽ، وڏي پيماني جون مينيوفيڪچرنگ، مائننگ ۽

انشورنس سميت، فوجي اسٽيبلشمينٽ جي عسڪري ڪاروباري سلطنت جي اثاثن جي ڪل ماليت جو اندازو گهٽ ۾ گهٽ 40 ارب ڊالر آهي.

جيڪڏهن پاڪستاني رياست جي غير پيداواري خرچن جي ڳالهہ ڪريون تہ ان ۾ سڀ کان مٿي فوجي خرچ آهن (جنهن جو وڏو حصو جرنيلي اشرافيه جي مراعتن ۽ ڪرپشن جي نظر ٿيو وڃي) جنهن جي مد ۾ مالي سال 2024ع ۾ 2700 ارب رپيا خرچ ٿيا. (فوجي پينشن، هٿيارن جي خريداري، سپليمنٽري گرانٽ ۽ ٻين خرچن سميت) جڏهن تہ فوج گڏريل ٻن ڏهاڪن ۾ پنهنجي نام نهاد اسٽريٽجڪ ڊيپٿ پاليسي جي پيداوار آڱرين تي ڳڻڻ جيترن دهشتگردن جو خاتمو ڪرڻ ۾ بہ ناڪام رهي آهي. انهيءَ مالي سال دؤران سول پوليس جا خرچ 525 ارب رپيا (پينشن ڪانسواءِ) رهيا، جڏهن تہ سول آرمڊ فورسز تي سوين ارب رپيا خرچ ڪيا ويا، جيتوڻيڪ اهي ادارا پاڪستان ۾ سڀ کان وڏيڪ غيرقانوني ڌنڌن ۾ ملوث آهن. ان ڪانسواءِ سول بيوروڪريسي، عدليہ ۽ سياسي حڪومت جي نام نهاد جاري خرچن، عياشين ۽ ڪرپشن جي ڪري هر سال ڪيترا هزار ارب رپيا ضايع ٿين ٿا، انهن جو ڪو بہ حساب ڪتاب نہ آهي. هتي اهو بہ ياد رکڻ ضروري آهي تہ آخري تجزيي ۾ هڪ سرمائيدار رياست جي فوج، پوليس، انٽيليجنس ايجنسيون، عدليہ، سول بيوروڪريسي ۽ سياسي حڪومت جو فرض سرمائيدارانہ نظام ۽ منافعي خوريءَ جو هٿيارن جي زور تي تحفظ ڪرڻ هوندو آهي، يعني انهيءَ حوالي سان ٿيندڙ جيڪي بہ خرچ آهن انهن جو عوام جي ڀلائيءَ سان پري پري جو ڪو بہ واسطو ناهي.

هاڻي جيڪڏهن مٿي ڏنل سموري ڊيٽا کي مجموعي طور تي ڏسجي تہ اها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ پاڪستان جا ڪروڙين پورهيت ماڻهو ڏينهن رات محنت ڪري بيشمار دولت پيدا ڪن ٿا، پر مسئلو اهو آهي تہ سرمائيداراڻي نظام تحت انهن جي پيدا ڪيل اها سموري دولت ڪسجي چند هٿن ۾ وڃي گڏ ٿئي ٿي ۽ پورهيت طبقو غربت ۽ ذلت جي چڪيءَ ۾ پسجي ٿو. پر جيڪڏهن ائين نہ هجي ۽ هي سموري دولت ان

جي پيدا ڪندڙن جي ڀلائيءَ تي خرچ ڪئي وڃي ته صورتحال بلڪل مختلف ٿي ويندي. اچو ته هاڻي ان ڳالهه تي غور ڪريون ته سوشلسٽ انقلاب ڪانپوءِ انقلابي ڪميونسٽ پارٽي اهڙا ڪهڙا قدم کڻندي، جنهن سان هي پورو خطو بدلجي ويندو ۽ امير ۽ غريب جو طبقاتي فرق تي مشتمل هي نظام ختم ٿي ويندو.

## 1 - مزدورن جي رياست جو قائم ٿيڻ

سوشلسٽ انقلاب جي ذريعي سرمائيدار رياست ۽ ان جي سمورن انتظامي، قانوني، فوجي ڍانچي ۽ ادارن کي مڪمل طور تي ختم ڪيو ويندو. انقلاب دوران گهٽيءَ ۽ پاڙي کان ويندي ڪارخانن، ملن، کيتن، فوجي بيرڪن ۽ تعليمي ادارن ۾ نهندڙ پورهيتن، هارين، فوج جي عام سپاهين، شاگردن ۽ سماج جي ٻين مظلوم طبقن جون چونڊيل انقلابي ڪاميٽيون (جنهن ۾ پورهيتن کي فوقيت حاصل هوندي) کي هيٺان کان مٿي تائين، علائقن کان مرڪز تائين منظم ڪندي هڪ سوشلسٽ مزدور رياست قائم ڪئي ويندي. انهن انقلابي ڪميٽين ۾ چونڊجڻ ۽ ووٽ ڏيڻ جو حق فقط پورهيتن کي حاصل هوندو. چونڊيندڙن کي مڪمل اختيار هوندو ته ڪنهن به چونڊيل نمائندي يا سموري ڪميٽيءَ کي ڪنهن به وقت ناقص ڪارڪردگيءَ تي برطرف ڪري سگهندا. مزدور رياست جي ڪنهن به سرڪاري يا چونڊيل نمائندي جي پگهار يا الائونس ڪنهن به صورت ۾ هنرمند مزدور کان وڌيڪ نه هوندي. مزدور رياست جو ڪو الڳ آفيسر شاهيءَ وارو انتظامي يا عدالتي ڍانچو نه هوندو، پر انتظامي فرضن کي سرانجام ڏيڻ، انصاف جي فراهمي ۽ امن و امان قائم رکڻ جي سموري ذميواري انهن چونڊيل انقلابي ڪميٽين جي هوندي. اهي ئي انقلابي ڪميٽيون مزدور رياست لاءِ هڪ نئون آئين ۽ قانون به ناهينديون، جنهن ۾ پورهيت عوام جي ڀلائيءَ کي پهرين ۽ آخري اهميت ڏني ويندي، جڏهن ته خانگي ملڪيت ۽ استحصال کي مڪمل طور رد ڪيو ويندو. هن آئين تحت پورهيت ماڻهن کي لکڻ ۽ تقرير جي مڪمل آزادي، احتجاج ۽ تنظيم ڪاريءَ جي به مڪمل آزادي هوندي.

## 2- پيداوار جي وسيلن تي پورهيت طبقي جي اجتماعي ملڪيت ۽ جمهوري ڪنٽرول

سرمائيداري نظام ۽ طبقاتي استحصال جو خاتمو ڪيو ويندو. ملڪ ۾ پيداوار جي سڀني وسيلن (جهڙوڪ ڪارخانا، پيداواري اوزار، بئنڪ، انشورنس، جاگيرون ، ڪاٽيون، فزيڪل انفراسٽرڪچر جهڙوڪ IPPs وغيره) تان ملڪي ۽ عالمي سرمائيدار طبقي جي خانگي ملڪيت کي ختم ڪري کين پورهيت طبقي جي اجتماعي ملڪيت ۽ جمهوري ڪنٽرول هيٺ آندو ويندو. منڊيءَ جي معيشت تي ٻڌل منافعي خوريءَ واري هن نّظام جو خاتمو ڪندي پورهيتن جي جمهوري ڪنٽرول هيٺ سوشلسٽ معيشت کي منصوبه بنديءَ تحت سماج جي اجتماعي ضرورتن جو پورائو ڪرڻ، عوام جي ڀلائي ۽ بهتري، تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ هلايو ويندو. انهيءَ سان گڏوگڏ هڪ منصوبابند انداز ۾ جديد صنعتڪاري خاص طور وڏين صنعتن کي هٿي وٺرائي ويندي. آئي ايم ايف، ورلڊ بئنڪ، ايشين ڊولپمينٽ بينڪ، چين، سعودي عرب، پيرس ڪلب وغيره جي قرضن سميت سمورا سامراجي قرض مڪمل طور تي ضبط ڪيا ويندا ۽ اجتماعي ملڪيت ۾ ورتل بينڪن جي ننڍڙن کاتيدارن کي تحفظ ڏيندي اندروني قرضن جي هڪ وڏي رقم بہ ضبط ڪئي ويندي. بجلي، گيس وغيره جي شعبن ۾ موجود قرض (گردشي قرض) بہ ضبط ڪيا ويندا. غير ملڪي واپار تي پهرين ڏينهن کان مزدور رياست کي مڪمل اجارداري حاصل هوندي، جڏهن تہ ملڪ ۾ هول سيل ۽ پرچون واپار کي بہ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ منظم پورهيت طبقي طرفان تخليق ڪيل ڊسٽريبيوشن سيٽ اپ سان گڏ تبديل ڪيو ويندو. هر شعبي ۾ مڊل مين جي غير پيداواري ڪردار جو مڪمل خاتمو ڪيو ويندو.

پورهيت عوام کي تعليم، علاج، صاف پاڻي ۽ رهائش سميت زندگيءَ جي سڀني بنيادي سهولتن جي مفت ۽ معياري فراهمي پورهيت رياست جي ذميواري هوندي. ڪم جو وقت هڪ ڏينهن ۾ 6 ڪلاڪ

هوندو ۽ هفتي ۾ 2 موڪلون هونديون. ڪم جي وقت ۾ گهٽتائي، نئين صنعتڪاري ۽ سماج جي منصوبہ بند تعمير ۽ ترقيءَ ذريعي بيروزگاريءَ جو مڪمل خاتمو ڪيو ويندو. چائلڊ ليبر تي مڪمل پابندي هوندي. منصوبابند معيشت تحت لازمي سماجي ضرورتون پوريون ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ طرف پورهيت ماڻهن کي سياحت ۽ ثقافتي ترقيءَ جا وسيع موقعا مهيا ڪيا ويندا تہ ٻئي طرف سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي شعبن ۾ ترقيءَ لاءِ هر ممڪن ڪوششون ڪيون وينديون.

## 3- زراعت

زرعي زمين جي مالڪيءَ جي حد 12.5 ايڪڙ آبپاشيءَ واري زمين ۽ 25 ايڪڙ باراني زمين هوندي. ان کان وڌيڪ سموري زرعي زمين کي رياستي ملڪيت ۾ وٺندي يا تہ بي زمين هارين ۾ پوڪ لاءِ بغير ڪنهن معاوضي جي تقسيم ڪئي ويندي يا جديد مشينريءَ ذريعي وڏين رياستي فارمن جي صورت ۾ پوکي ويندي. ننڍن ۽ وچولي هارين کي تمام سستي بجلي مهيا ڪئي ويندي، فرٽيلائيزر ۽ ٻيا زرعي سامان اجتماعي ملڪيت ۾ ورتل صنعت ذريعي مهيا ڪيا ويندا ۽ انهن کي مزدور رياست جي مڪمل فني مدد مهيا ڪندي ڪو آپريٽو فارمنگ ڏانهن آندو ويندو. آبپاشي نظام جي نئين سر تعمير ڪئي ويندي ۽ ان کي وڌايو ويندو. آبپاشيءَ جا جديد طريقا متعارف ڪرايا ويندا ته جيئن واهن جي پاڻيءَ جو زيان گهٽ کان گهٽ ٿئي.

## 4- سماجي ۽ شهري انفراسٽرڪچر

منصوبا بنديءَ تحت پوري سماج جي ضرورتن مطابق مناسب سماجي ۽ شهري فزيڪل انفراسٽرڪچر تعمير ڪيو ويندو. تعليم ۽ صحت مڪمل طور تي مفت هوندي ۽ ان مقصد لاءِ هر سطح جا تعليمي ادارا وڏي پيماني تي کوليا ويندا ۽ اسپتالون ۽ ٻيون صحت جون سهولتون تعمير ڪيون وينديون. سماجي ضرورتن مطابق نين رهائش گاهن جي تعمير ذريعي بي گهريءَ جو مڪمل خاتمو ڪيو ويندو. هر

گهر کي صاف پاڻي ۽ نيڪال جي سهولت مهيا ڪئي ويندي ۽ اهي سيئي سهولتون مفت هونديون. عوام کي سستي ترين ٽرانسپورٽ مهيا ڪرڻ لاءِ سڄي ملڪ ۾ جديد ريلوي ۽ روڊن جو نيٽ ورڪ وڇايو ويندو. تمام سستي بجليءَ جي پيداوار لاءِ هائيڊل، سولر، ونڊ پاور وغيره جا ڪيترائي منصوبا وڏي پيماني تي شروع ڪيا ويندا. مقامي آباديءَ جي خواهشن کي نظر ۾ رکندي نوان آبي ذخيرا تعمير ڪيا ويندا. سماج جي هر ميمبر لاءِ سستي ۽ جديد رابطي جي رسائيءَ کي يقيني بڻايو ويندو.

## 5- مظلوم قومون ۽ حق خودارادیت

قومي جبر جي هر شڪل ۽ قسم جو مڪمل خاتمو ڪيو ويندو. سيني مظلوم قوميتن کي حق خود اراديت ۽ رياست کان عليحدگيءَ جو بہ حق حاصل هوندو. هر علائقي جا قدرتي وسيلا مجموعي طور تي اتان جي پورهيت عوام جي اجتماعي ملڪيت ۾ هوندا ۽ انهن تي پهريون اختيار بہ انهن جو ئي هوندو. سيني ثقافتن ۽ ٻولين کي ڀرپور واڌ ويجهہ جا برابر موقعا مهيا ڪيا ويندا.

## 6- عورتون ۽ مذهبي اقليتون

مزدور رياست رنگ نسل، قوميت ، مذهب، ٻولي، جنس جي فرق کان پاڪ هڪ سيڪيولر رياست هوندي. جنهن جو انهن معاملن سان ڪو بہ واسطو نہ هوندو. مذهبي اقليتن ۽ عورتن جي خلاف نهيل سيني رجعتي ۽ ڪارن قانونن جو مڪمل خاتمو ڪيو ويندو. هر مذهب ۽ فرقي جي ماڻهن کي، سندن عقيدن موجب زندگي گذارڻ جي پوري آزادي حاصل هوندي.

عورتن کي تعليم ۽ روزگار سميت سمورن شعبن ۾ مردن جي برابر حق حاصل هوندا. عورتن ۽ مرد ملازمن جي پگهار ۽ مراعتون برابر هونديون. زچگي دوران پگهار جي مڪمل ادائيگيءَ سان هڪ سال جي موڪل ڏني ويندي. اجتماعي رڌڻا، ڌوٻي گهاٽ ۽ رياست جي

معاونت سان ٻارن جي سنڀال جا اجتماعي ادارا کوليا ويندا. جنهن سان عورتن کي صدين کان جاري گهريلو پورهئي مان نجات حاصل ٿيندي.

## 7 - ماحول

مجموعي اهميت جي انتهائي اهم ضرورت کانسواءِ وڻن جي واڍيءَ تي مڪمل پابندي هوندي. ملڪ جي گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو ايراضيءَ تي ٻيلن جي پوک ڪئي ويندي، ٻيلا لڳائڻ واري مهم کي منصوبابنديءَ سان هلايو ويندو. سيئي درياءَ ۽ آبي ذخيرا آلودگيءَ کان پاڪ ڪيا ويندا. سموري صنعتي گدلاڻ کي ٽريٽمينٽ ڪري مناسب طريقي سان نيڪالي لڳايو ويندو. گرين انرجي ۽ عوامي ٽرانسپورٽ کي ترقي ڏيڻ سان ٻارڻ (Fossil fuel) جي استعمال کي گهٽايو ويندو.

## 8. مزدور رياست جو انقلابي دفاع

مزدور رياست کي عالمي ۽ علائقائي سامراجي قوتن کان بچائڻ لاءِ مزدور طبقي جي سڀ کان وڌيڪ ويڙهاڪ، سياسي ۽ نظرياتي طور تي باشعور فردن تي مشتمل هڪ مزدور فوج ٺاهي ويندي. پورهيت فوج ۾ ڪميشن جو نظام نہ هوندو، آفيسرن ۽ سپاهين جون پگهارون ۽ مراعتون برابر هونديون. آفيسرن جي چونڊ سپاهين جي ڪميٽين ذريعي ڪئي ويندي. اها مزدور فوج پورهيت ماڻهن کان ڌار ڇانوڻين وغيره ۾ نہ پر عام ماڻهن سان گڏ رهندي ۽ پورهيت طبقي سان گڏ پيداواري سرگرمين ۾ باقاعدگيءَ سان حصو وٺندي. وڏين صنعتن ۾ منظم پورهيتن تي ٻڌل هڪ هٿياربند پورهيت مليشيا جوڙي ويندي، جيڪا ٽريڊ يونين تنظيمن ۽ ڪارخانن جي ڪميٽين جي ماتحت هوندي. پورهيت عوام جي سڀني عاقل ۽ بالغ آباديءَ کي لازمي فوجي تربيت ڏني ويندي.

## 9. مزدور رياست جي انقلابي پرڏيهي پاليسي

مزدور رياست عالمي ۽ علائقائي سطح تي هر قسم جي سامراجي، قبضا گير ۽ شاؤنسٽ پاليسين جي مخالفت ڪندي. ماضيءَ ۾ سرمائيدار حڪمران طبقي ۽ رياستي اشرافيہ طرفان مختلف سامراجي اختيارين سان ڪيل سمورا ڳجها معاهدا بي نقاب ڪيا ويندا. پورهيت رياست جي انقلابي پرڏيهي پاليسيءَ جو بنياد اهو نعرو هوندو ”دنيا جا پورهيتو، متحد ٿي وڃو!“. عالمي سوشلسٽ انقلاب جي واڌ ويجهہ ۽ عالمي سوشلسٽ سماج جي قيام لاءِ پورهيت رياست انقلابي پرڏيهي پاليسيءَ کي پنهنجي اهم ذميواري سمجهندي ۽ انهيءَ مقصد لاءِ پورهيت رياست سڀ ممڪن ذريعا استعمال ڪندي. پورهيت رياست عالمي انقلاب ڏانهن پهرئين قدم طور هر ممڪن وسيلا استعمال ڪندي نندي ڪند جي رضاڪارانہ سوشلسٽ فيڊريشن قائم ڪرڻ واري جدوجهد تي ڀرپور ڌيان ڏنو ويندو.

## 10 - پورهيت رياست جو نالو ۽ جهنڊو

پورهيتن جي رياست کي يونين آف سوويت سوشلسٽ ريپبلڪ يعني سوويت يونين سڏيو ويندو ۽ اها لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ جي قيادت ۾ بالشويڪ پارٽيءَ جي 1917ع واري انقلاب جو ئي تسلسل هوندي. پورهيتن جي رياست جو جهنڊو ڳاڙهو هوندو، جنهن ۾ پورهيتن ۽ هارين جي اتحاد جي علامت هٿوڙي ۽ ڏاٽي جو نشان هوندو.

# دستاويز نمبر 3

## پاڪستان ۾ ڪميونسٽ اقتدار ۾ اچڻ لاءِ ڪيئن تياري ڪري رهيا آهن ؟

1- اسان انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي قيام جو اعلان ڪريون ٿا.

2- اسان اهو قدم اهڙي وقت کڻي رهيا آهيون جڏهن پاڪستان جي سرمائيداراڻي رياست ۽ معيشت پنهنجي تاريخ جي بدترين بحران ڪي منهن ڏئي رهي آهي. پاڪستان جو سرمائيدار حڪمران طبقو ۽ رياستي اشرافيہ هن بحران جو سمورو بار پورهيت طبقي تي وجهي رهيا آهن ۽ انهيءَ ڪري انهن تي بدترين معاشي، سماجي ۽ سياسي حملا ڪري رهيا آهن.

3- انهيءَ ظلم ۽ استحصال جي خلاف وڏي پئماني تي عوامي ڪاوڙ جو اظهار اڻٽر آهي. پر طاقتور مزدور تنظيمن کان سواءِ ۽ خاص طور تي مزدورن جي وڏي اڪثريت جي حمايت رکڻ واري انقلابي پارٽيءَ کان سواءِ، جيڪا سرمائيداريءَ جي خاتمي لاءِ واضع پروگرام رکندڙ هجي،اهو سڀ ڪجهہ ضايع ٿي ويندو جئين پسٽن باڪس کانسواءِ ٻاڦ هوا ۾ اڏري ويندي آهي.

4- هن وقت ڪا بہ سياسي پارٽي عوامي ضرورتن ۽ خواهشن جي ترجماني نه ڪري رهي آهي ۽ موجوده وقت جون سيئي پارٽيون حڪمران طبقي جي مختلف گروهن جي نمائندگي ڪن ٿيون. سرمائيداريءَ جي حدن اندر رهندي حل ڳولڻ سبب سمورين پارٽين جا پروگرام بُري طرح ناڪام ٿي چڪا آهن. سماج ۾ انقلابي تبديلي آڻڻ جو پروگرام ڪنهن وٽ بہ ڪونهي.

5- نام نهاد اصلاح پسند، قومپرست ۽ فرقي پرست ڪاٻي ڌر وارا، پورهيت طبقي جي انقلابي قيادت جو فرض ادا نٿا ڪري سگهن. اهي اصلاح پسندي، قومپرستي، موقعي پرستي، فرقيواريت، اين جي اوز ۽

اهڙين ٻين گندگين ۾ ورتل آهن ۽ انهن وٽ پاڪستان ۾ سوشلسٽ انقلاب بابت ڪو بہ تناظر ناهي.

6- انقلابي ڪميونسٽ پارٽي ناهڻ جو هڪ مقصد اهو بہ آهي تہ اسان سيني سياسي پارٽين جي پيٽ ۾ هڪ مڪمل الڳ انقلابي سجاڳ ناهي سگهون. اسان جو مقصد مزدور طبقي جي اڳواٽي ڪندي پاڪستان ۾ سرمائيداراڻي نظام جو خاتمو آڻي، مزدورن جي رياست ۽ سماجواد منصوبابند معيشت قائم ڪرڻ آهي. پاڪستان جو سوشلسٽ انقلاب عالمي سوشلسٽ سماج جي قيام لاءِ ٿيندڙ عالمي مزدور جدوجهد ۽ انقلابن جي سلسلي جي هڪ ڪڙي هوندي.

7- اسان جا دروازا انهن سيني مزدورن ۽ نوجوانن لاءِ هميشہ کليل آهن جيڪي ڄاڻن ٿا تہ ڪميونزم ئي سماج جي سمورن مسئلن ۽ تڪليفن جو حل آهي. پارٽيءَ جي هر ميمبر ۽ برانچز کي ڪارخانن، تعليمي ادارن، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ انهن ڪارڪنن ۽ نوجوانن تائين پهچڻو پوندو ۽ انهن کي پارٽي ۾ آڻڻو پوندو.

8- اسان جا دروازا انهن لاءِ بہ کليل آهن جيڪي مخصوص مسئلن جهڙوڪ قومي مسئلا، زرعي سوال، صنفي سوال وغيره جي حوالي سان سياست ۾ دلچسپي رکندي انقلابي نتيجا اخذ ڪن ٿا. پارٽيءَ جي هر ميمبر ۾ اها صلاحيت هجڻ گهرجي تہ هو انهن مخصوص مسئلن جي چوڌاري ٿيندڙ جدوجهد کي سوشلسٽ انقلاب جي عام جدوجهد سان ڳنڍي، ۽ اهڙن سيني ماڻهن کي پارٽيءَ ۾ آڻي.

9- پرتيءَ جي لاءِ پارٽيءَ جو سياسي اخبار "ڪميونسٽ" پارٽيءَ جي هر ميمبر جو سڀ کان وڏيڪ طاقتور اوزار آهي. اسان کي ان کي انقلابي نوجوانن ۽ مزدورن تائين پهچڻ لاءِ هڪ ٻينر طور استعمال ڪرڻ گهرجي. هن اخبار ۾ هر قسم جي انگ اکر، دليل، خبرون، مختلف قومي ۽ بين الاقوامي مسئلن تي اسان جو انقلابي مؤقف، پوري سيڪشن ۽ بين الاقوامي سطح تي اسان جي انقلابي ڪم جون جهلڪيون موجود آهن، جيڪي ڪنهن نئين ميمبر کي آڻڻ ۾ اهم

ڪردار ادا ڪن ٿا. هر پارٽي ڪارڪن وٽ هر وقت "ڪميونسٽ" جون ڪاپيون هجڻ کپن. اسان کي ڪارخانن، تعليمي ادارن، ٻنين، واهڻ وستين مطلب تہ هر جڳهہ تي بنا ڪنهن گهٻرائڻ جي استعمال ڪرڻ کپي.

10- جيڪڏهن هر پارٽي ميمبر تيزيءَ سان ٻيا ماڻهو ڀرتي ڪري تہ اسان تمام جلد هڪ وڏي قوت بڻجي سگهون ٿا. پاڪستان ۾ هن معروضي صورتحال اهڙي واڌ ويجهہ لاءِ ڪافي سازگار آهي. اسان هن ڪانگريس ۾ واعدو ڪريون ٿا تہ هر پارٽي ميمبر ايندڙ 12 مهينن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ نئون ممبر ڀرتي ڪندو. اسان 2026ع جي ڪانگريس تائين 2000 ميمبرشپ جو ٽارگيٽ ڪڍون ٿا. جيڪڏهن صحيح نموني ڪم ڪيو وڃي ته اهو ڪو وڏو يا ڏکيو ٽارگيٽ ناهي. ٻہ هزار جي ميمبرشپ سان گڏ اسان ان حال ۾ هونداسين تہ تيزيءَ سان پنج هزار ۽ پوءِ ڏهہ هزار جي ميمبرشپ ڏانهن وڌون. اهو سڀ ڪجهہ ايندڙ ڪجهہ سالن ۾ حاصل ڪري سگهجي ٿو.

11- هر نئين ميمبر کي پارٽي جي ڪم متعلق چڱي طرح تربيت ڏيڻ جي ضرورت آهي. اسان جي پارٽي اجا ننڍي آهي ۽ ان ۾ غير سنجيده ماڻهن لاءِ ڪابہ گنجائش ناهي. اسان ڪو يارن دوستن جو سرڪل، سپورٽ گروپ يا گپ شپ ڪلب ناهيون. اسان متحرڪ ۽ ويڙهاڪ پيشہ ور انقلابين تي مشتمل ڪيڊر پارٽي آهيون. پارٽيءَ جي ميمبرن کي گهرجي تہ نون ڀرتي ڪيل ڪامريڊن تي اعتماد ڪندي کين پارٽي ڪم جون ذميواريون سونپيون وڃن ۽ انهن جي تربيت ڪئي وڃي. ٽراٽسڪيءَ هڪ ڀيري چيو هو تہ جيئن جيئن انقلابين جون ذميواريون وڌنديون آهن انهن ۾ وڌيڪ نکار ايندو آهي.

12- هر برانچ کي اهو ٽارگيٽ هجڻ کپي تہ اهي پنهنجي ويجهي صنعتي علائقي، تعليمي ادارن، گهٽي ۽ پاڙن ۾ نئين برانچ ٺاهن، ۽ نون ميمبرن کي پارٽي ورڪ جي تربيت ڏيندي لاءِ اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ جي قابل بڻائن.

13- سرمائيدار طبقو هروقت سماج تي پنهنجي عوام دشمن خيالن جي بوڇاڙ ڪندو رهندو آهي ۽ نام نهاد ڪاٻي ڌر انهن نظرين کي "ترقي پسنديءَ" جو ڪوڙو بوڇڻ اوڍائيندو آهي. انقلابي ڪميونسٽ پارٽي پختو ارادو ڪري ٿي تہ مزدورن ۽ نوجوانن ۾ مارڪسزم ۽ ڪميونزم جي حقيقي نظرين جي واڌ ويجهہ لاءِ ناقابل مصلحت جدوجهد ڪندي.

14- اسان جي پارٽيءَ جو نوس بنياد مارڪس، اينگلس، لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ جي نظرين تي قائم آهي. هر پارٽي ميمبر جو اهو پهريون فرض آهي تہ هو انهن نظرين (خاص ڪري لينن جي نظرين ۽ طريقن) تي جيترو ٿي سگهي مهارت حاصل ڪري ۽ انهن نظرين کي عملي جامو پارائڻ لاء پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري. پارٽيءَ جي سمورن ميمبرن جي اها ذميواري آهي تہ اهي نون ڀرتي ٿيل ڪامريڊن کي معياري سياسي ۽ نظرياتي تعليم و تربيت ڏين، جيئن اهي پارٽيءَ جو ڪم بهتر نموني سرانجام ڏئي سگهڻ جي قابل ٿين.

15- ڪانگريس اهو واعدو ٿي ڪري تہ نظرياتي رسالو "تہ ماهي لال سلام" ۽ سياسي اخبار "ڪميونسٽ" پارٽيءَ جي نظرياتي تعليم ۽ تربيت ۾ انهن جو مرڪزي ڪردار هوندو. اسان 2026ع جي ڪانگريس تائين ٻنهي جي اشاعت کي ٻيڻو ڪرڻ جو ٽارگيٽ ڪٽون ٿا.

16- انقلابي ڪميونسٽ پارٽي ڪو پروپيگنڊا جو سرڪل ناهي، پر اها پورهيت طبقي ۽ نوجوانن جي وسيع پرتن ۾ پاڙون رکندڙ هڪ ويڙهاڪ پارٽي هوندي. پارٽيءَ جي هر ميمبر جو اهو فرض آهي تہ برانچ ۾ ڪيل فيصلن موجب پورهيت عوام جي احتجاجن، مظاهرن ۽ گڏجاڻين وغيره ۾ پنهنجي شرڪت کي يقيني بڻائيڻ تہ جيئن پارٽي پروگرام کي اڳتي وڌائي سگهجي. پارٽيءَ جي سڀني ميمبرن کي گهرجي تہ اهي انهن سرگرمين جي رپورٽ "ڪميونسٽ" کي موڪلين.

17- وشال سماجي ڌماڪن ۽ تحريڪن جو وقت ويجهو اچي رهيو آهي. پارٽيءَ جي سمورن ميمبرن کي ماضيءَ جي روٽين واري نفسيات مان نڪرڻ جي ضرورت آهي. ڪميونسٽن جو اهو فرض آهي تہ اهي بهادريءَ

واري جدوجهد ۽ صبر سان اسان جي پروگرام ۽ تناظر جي وضاحت ڪندي پورهيت طبقي جي هراول پرتن ۽ نوجوانن کي پنهنجي صفن ۾ شامل ڪن. جيڪڏهن اسان هڪ منظم طريقي سان پنهنجي مقدار ۽ معيار کي وڌائيندا سين تہ مستقبل جي انقلابي واقعن جو فيصلائتي قوت بڻجي ابرنداسين. انسانيت جي شاندار مستقبل جي ڪنجي اسان جي هٿن ۾ آهي.

18- انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو مقصد ۽ مشن انتهائي غير معمولي آهي. هڪ مادي قوت جي واڌ ويجهہ لاءِ مادي وسيلن جي ضرورت هوندي آهي. اسان هتي پارٽي فنڊ جي ڳالهہ پيا ڪيون. اسان کي هنگامي بنيادن تي پنهنجو ماهوار چندو وڌائڻ جي ضرورت آهي. سڀني ڪامريڊن کي هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي هڪ ڏينهن جي اجرت ڏيڻ گهرجي. ان کان علاوه سمورن ميمبرن کي پارٽيءَ جي سياسي ۽ نظرياتي همدردن کان بہ فائيٽنگ فنڊ وٺڻ گهرجي. پارٽيءَ جي مالي وسيلن ۾ بهتر اضافو پارٽيءَ جي تيزيءَ سان تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو.

19- انقلابي همت ۽ روشن خيالي انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ميمبرن جون بنيادي خاصيتون آهن. اسان کي گذريل دور جي شڪست پسند ذهنيت کي مڪمل طور تي ختم ڪرڻو پوندو. اسان کي هر صورت ۾ مزدور طبقي جي اڳواڻي ڪندي هڪ سوشلسٽ انقلاب آڻڻو آهي. اهوئي اسان جو مقصد ۽ مشن آهي.

20- ايندڙ عرصي ۾ اسان جي نئين پارٽيءَ کي وڏن انقلابي طوفانن کي منهن ڏيڻو پوندو. تنهن ڪري پارٽيءَ جي تيزيءَ سان اڏاوت اڄ اسان جو اولين تاريخي فرض آهي ۽ اسان تاريخ جي ان امتحان تي پورو لهڻ جو وچن ڪيون ٿا.

# دستاويز نمبر 4

## انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو آئين

## تعارف

انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو مقصد پاڪستان ۾ سرمائيداراڻي نظام جو خاتمو ڪري سوشلسٽ منصوبابند معيشت قائم ڪرڻ لاءِ پورهيت طبقي جي اڳواڻي ڪندي پورهيتن جي رياست قائم ڪرڻ آهي. انقلابي ڪميونسٽ پارٽي پنهنجي جدوجهد کي عالمي سوشلسٽ سماج جي قيام لاءِ جاري عالمي انقلابي مزدور جدوجهد جي هڪ ڪڙي سمجهي ٿي. انهن مڙني مرحلن مان گذرڻ سان ئي اسان پنهنجي حقيقي مقصد تائين پهچي سگهون ٿا، يعني عالمي سطح تي طبقن جو مڪمل خاتمو ۽ ڪميونزم جو قيام، جيڪو انساني سماج جو هڪ نئون ترقي يافته ۽ اعليٰ روپ هوندو.

انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جون سڀئي سرگرميون، ان جا طريقا ۽ اندروني ڍانچو انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٺهيل آهن.

هي دستور صرف هڪ عام خاڪو آهي، انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي قيام جو مکيه سرچشمو ان جا مارڪسي نظريات آهن. قيادت جي سياسي ۽ اخلاقي پهچ، تربيت يافته ڪارڪن (ڪيڊر بيس), سياسي طور تي باشعور ۽ متحرڪ رڪنيت، جيڪا خود سوچ ويچار ڪرڻ جي قابل هجي، جهڙا عمل انقلابي پارٽي جي افاديت جي واحد ضمانت هوندا آهن. ڊگهي عرصي ۾ اهو سڀ ڪجهه گڏيل پارٽي ورڪ، تعليم ۽ تربيت ۽ ڏکين تجربن مان گذري ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو. ڪنهن به حالو چالو قاعدي جي بدران اهو اسان جي پارٽيءَ جو اصل بنياد آهي.

## آرٽيڪل نمبر 1 - نالو

پارٽيءَ جو نالو هوندو Revolutionary Communist Party (انقلابي ڪميونسٽ پارٽي) جيڪا انقلابي ڪميونسٽ انٽرنيشنل Revolutionary Communist International ۾ پاڪستان سيڪشن هوندو.

## آرٽيڪل نمبر 2 - مقصد

1. انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو مقصد پاڪستان ۾ سرمائيداراڻي نظام جو خاتمو ڪري هڪ مزدور رياست ۽ سوشلسٽ منصوبابند معيشت قائم ڪرڻ آهي. انقلابي ڪميونسٽ پارٽي پنهنجي جدوجهد کي عالمي سوشلسٽ سماج جي قيام لاءِ جاري عالمي انقلابي پورهيت جدوجهد جي سلسلي جي هڪ ڪڙي سمجهي ٿي.

2. انهن مرحلن ذريعي ئي اسان پنهنجي آخري مقصد تائين پهچي سگهون ٿا، جيڪي عالمي سطح تي طبقاتي نظام جو خاتمو ۽ ڪميونزم قائم ڪرڻ تائين پهچي سگهون ٿا. جيڪو انساني سماج جي هڪ نئين، ترقي يافته ۽ اعليٰ شڪل هوندي.

## آرٽيڪل نمبر 3 انٽرنيشنل

1. انقلابي ڪميونسٽ پارٽي، انقلابي ڪميونسٽ انٽرنيشنل جو پاڪستان سيڪشن آهي، جيڪا عالمي سوشلسٽ انقلاب جي بين الاقوامي پارٽي آهي. انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر هجڻ جو مطلب آهي ته توهان انقلابي ڪميونسٽ انٽرنيشنل جا ميمبر آهيو.

2. انقلابي ڪميونسٽ انٽرنيشنل جا سيئي ميمبر هڪ بين الاقوامي تنظيم جو حصو آهن جيڪا مرڪزي بين الاقوامي قيادت رکي ٿي. انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جا سڀ اعليٰ ادارا انٽرنيشنل جي اعليٰ ادارن يعني ورلڊ ڪانگريس ۽ انٽرنيشنل ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جي ماتحت آهن.

## آرٽيڪل نمبر 4 ميمبرشپ

1. هر ماڻهو جيڪو انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي نظرين، پروگرام ۽ آئين سان متفق آهي، هڪ عبوري عرصو گذارڻ کان پوءِ ان جو باقاعده ميمبر بڻجي سگهي ٿو.

2. رڪنيت لاءِ مارڪس، اينگلز، لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ جي نظرين، ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي پهرين چار ڪانگريسن ۽ چوٿين انٽرنيشنل جي تاسيسي ڪانگريس جي سبقن جو مطالعو ڪرڻ لاءِ به سنجيده ارادي جي ضرورت آهي. اهي نظريا پارٽيءَ ۽ انٽرنيشنل جا بنياد آهن ۽ اسان کي ماضيءَ ۾ ڪيل ڪميونسٽ جدوجهد سان هڪ اڻ ٽٽندڙ وهڪري سان جوڙين ٿا.

3. پارٽيءَ جي ڪم لاءِ سڀني ميمبرن کي برانچ جي حصي طور پارٽيءَ جي چونڊيل قيادت جي هدايتن جي مطابق ڪم ڪرڻو پوندو ته جيئن پارٽيءَ جي پروگرام ۽ نظرين کي اڳتي وڌائيندي ان جي تعمير ڪري سگهجي. ان سموري عمل ۾ پارٽيءَ جي سياسي اخبار جو هڪ اهم ڪردار آهي.

4. سڀني ممبرن لاءِ پارٽيءَ کي باقاعدگيءَ سان چندو ڏيڻ لازمي آهي.

## آرٽيڪل نمبر 5 پارٽيءَ جا ادارا

1. برانچ انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو بنيادي ادارو آهي، جيڪو گهٽ ۾ گهٽ ٽن باقاعده ميمبرن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ سياست ۽ خيالن تي بحث ڪرڻ ۽ عملي سرگرمين جي منصوبابندي ڪرڻ لاءِ باقاعده هفتيوار گڏجاڻيون ٿيڻ ضروري آهن. جنهن ۾ هڪ چونڊيل قيادت هجڻ گهرجي، جنهن جو اختيار ۽ فرض اهو آهي ته پارٽيءَ جي مرڪزي ڪانگريس ڏانهن برانچ جي طرفان هڪ نمائندو موڪلي.

2. مرڪزي ڪانگريس پارٽيءَ جو سڀ کان مٿانهون ادارو آهي. اهو سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ٿيڻ گهرجي. ڪانگريس برانچن مان

مينڊيٽ ڪانسواءِ نمائندن تي مشتمل هوندو آهي، جيڪي برانچز جي ميمبرشپ جي تناسب سان چونڊجي ايندا آهن.

3. ڪانگريس سليٽ سسٽم ذريعي مرڪزي ڪميٽي چونڊيندي آهي، جيڪا پارٽيءَ جي اجتماعي قيادت آهي. ڪانگريس جي وچ واري عرصي ۾ مرڪزي ڪميٽي پارٽيءَ جي اعليٰ اٿارٽي هوندي آهي ۽ ان جي ٽن مهينن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ گڏجاڻي ٿيڻ لازمي آهي.

4. مرڪزي ڪميٽي سليٽ سسٽم ذريعي هڪ اجتماعي قيادت طور مرڪزي سيڪريٽريٽ جي چونڊ ڪندي آهي. مرڪزي سيڪريٽريٽ جي گڏجاڻي هفتيوار بنيادن تي ٿيندي آهي ۽ اها سينٽرل ڪميٽي جي گڏجاڻين جي وچ واري عرصي ۾ سڀ کان مٿانهين اداري طور پارٽيءَ جي روزمره جي ڪم کي ڏسندي آهي.

5. مرڪزي سيڪريٽريٽ مختلف علائقن ۾ برانچز ۽ ميمبرن جي تعداد کي نظر ۾ رکندي ريجنز ۽ ايرياز جي ٺهڻ جو فيصلو ڪري سگهي ٿو.

## آرٽيڪل نمبر 6 جمهوري حق ۽ نظم و ضبط

1. پارٽيءَ جي ميمبرن ۽ پارٽيءَ جي ادارن جي وچ ۾ لاڳاپا جمهوري مرڪزيت جي لچڪدار رهنما اصول جي ذريعي طئي ٿيندا آهن. مطلب ته سيئي ميمبر پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ ۾ آزاد ۽ ووٽ ڏيڻ جو حق رکن ٿا، پر پارٽيءَ کي به ان طريقي سان بحث ڪرڻ جو حق آهي جو اها بحث کي اهڙي ترتيب ڏئي جو روزاني ڪم جي رستي ۾ رڪاوٽ نه بڻجي. پارٽيءَ جي ادارن ۾ ڪيل فيصلن تي عملدرآمد سيني ميمبرن تي فرض آهي.

2. پارٽيءَ جي مقصدن يا پورهيت طبقي جي مفادن خلاف ڪم ڪندڙ پارٽيءَ جا ادارا ڪنهن به ميمبر خلاف ضابطي جي ڪارروائي

ڪرڻ جو اختيار رکن ٿا. اهڙين حالتن ۾ حقيقتن جي جانچ لاءِ پارٽيءَ جا ادارا چونڊ ڪنٽرول ڪميشن جون خدمتون بہ حاصل ڪري سگهن ٿا.

3. پارٽيءَ جو تمام مالياتي رڪارڊ مرڪزي ڪانگريس پاران چونڊيل ۽ ان جي اڳيان ذميوار آڊيٽرن جي حوالي ٿيڻ کپي.

# دستاويز نمبر 5

## تاسيسي ڪانگريس ۾ شرڪت لاءِ قانون ۽ ضابطا

ايجنڊا جي حوالي سان سموريون ترميمون ۽ متبادل تجويزون پهرين نومبر تائين ريجنل سيڪريٽريز ذريعي جمهوري مرڪزيت جي ضرورتن مطابق مرڪز تائين پهچڻ گهرجن.

ڪانگريس ۾ بحث لاءِ تجويز ڪيل دستاويزن تي تجويزون ۽ ترميمون 15 نومبر تائين علائقائي ڪميٽين ڏانهن موڪلڻ گهرجن ۽ علائقائي ڪميٽين کي پنهنجي رپورٽ 20 نومبر تائين مرڪز ڏانهن موڪلڻ گهرجي.

مرڪزي سيڪريٽريٽ انهن ترميمن تي پنهنجي راءِ ڪانگريس کي مرڪزي ڪميٽيءَ جي گڏيل مشاورت سان ڏيندو.

تنظيم جي مسئلن تي تجويزون پهرين ريجنل ڪميٽيءَ ۾ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. ريجنل ڪميٽين ۾ ڪو به نهراءُ نه اچڻ جي صورت ۾ پهرين نومبر تائين رپورٽ مرڪز ڏانهن اماڻي وڃي. مرڪز ڪانگريس کان اڳ انفرادي بحث مباحثو ڪرڻ يا لاڳاپيل ڪامريڊن سان انفرادي گڏجاڻيون ڪرڻ کان پوءِ انهن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو.

ڪانگريس ۾ حصو وٺڻ لاءِ هر 5 ميمبرن لاءِ هڪ نمائندو چونڊيو ويندو. جيڪڏهن برانچز جي حوالي سان نمائندن کي چونڊڻ جو ارادو ڪيو وڃي، ته ساڳيءَ ريت هر برانچ هڪ نمائندو چونڊي.

ڪانگريس کان اڳ، هر علائقي ۾ علائقائي ڪانفرنس يا ايريا ايگريگيٽس منعقد ڪيا ويندا. جنهن ۾ نمائندن جي چونڊ ڪئي ويندي ۽ انهن جي لسٽ کي حتمي شڪل ڏني ويندي.

ڪانگريس ۾ شرڪت ڪندڙ نمائندن، ميمبرن ۽ تبصري ڪندڙن جي نالن جي لسٽ پهرين ڊسمبر تائين مرڪز ڏانهن موڪلي وڃي.

ڪانگريس جي فيس هن ريت هوندي

لاهور ريجن: 2000/- روپيا
ٻيا سڀئي ريجنز: 1500 روپيا

هر ريجن ڪي هڪ سيڪيورٽي انچارج ۽ هڪ رهائش ۽ ٽرانسپورٽ انچارج چونڊڻ گهرجي. اهي ساٿي مرڪز ۾ قائم ڪيل مختلف انتظامي ڪميٽين جي مدد ڪندي ڪانگريس جي نظم و ضبط کي يقيني بڻائيندا ۽ ڪانگريس کي ڪامياب بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا.

ريجنل ۽ ايريا سيڪريٽري کي گهرجي ته ريجنل ڪانگريس ۾ فنانس اپيل جي اهميت تي تفصيل سان ڳالهائين ۽ ڪامريڊ ڪانگريس لاءِ روانگيءَ کان اڳ فنانس اپيل لاءِ ڏنل فنڊ جو فيصلو ڪري پاڻ سان گڏ نقد رقم به آڻين ته جيئن فنانس اپيل تي به وقت ضايع نه ٿئي گڏوگڏ قرض وٺڻ کان به بچي سگهجي. فنانس اپيل دوران ڪيل واعدن کي نه پاڙڻ ڪامريڊن جي سچائيءَ تي سواليه نشان آهي، جيڪو اسان جي تنظيم لاءِ ناقابل قبول آهي. اهي ڪامريڊ جيڪي ڪنهن مجبوريءَ سبب ڪانگريس ۾ شرڪت نه ڪري سگهندا، انهن کي ڪانگريس جي فيس ادا ڪرڻي پوندي.

ليڊ آف جي آخر ۾، ڪانگريس دوران سيشن جو چيئرپرسن انهن ساٿين جو نالو ڏيندو جيڪي بحث ۾ حصو وٺندا. مداخلت جو وقت بحث ۾ حصو وٺندڙ ساٿين جي تعداد جي مطابق طئي ڪيو ويندو. مرڪزي سيڪريٽريٽ جي ميمبرن کي 15 منٽ، سينٽرل ڪميٽي جي ميمبرن کي 10 منٽ ۽ نمائندن کي 7 منٽ ملندا. ان دوران جيڪي ڪامريڊ سوال پڇڻ چاهن اهي سوال لکي، هال ۾ مقرر سيڪيورٽي

ڪميٽيءَ جي ميمبرن ذريعي ڪامريڊ چيئر ڏانهن موڪليندا. سگريٽ نوشي، فوٽوگرافي ۽ موبائيل فون جو استعمال ڪانگريس جي سيشن دوران هال ۾ منع آهي، انهيءَ سان گڏ اهڙا سڀ ڪم جهڙوڪ گهمڻ ڦرڻ وغيره جيڪي ڪانگريس جي ڪارروائي ۾ خلل پيدا ڪري سگهن. صرف رڪارڊ لاءِ مرڪز پاران هڪ ٽيم فلمنگ ۽ فوٽوگرافي ڪندي، جنهن جو رڪارڊ مرڪز وٽ محفوظ رهندو.

سمورن ريجن ۽ ايريا سيڪريٽرين کي ڪانگريس تائين پهچڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ ٽرانسپورٽ جي ذريعن جي اڳواٽ بڪنگ ڪرائڻ گهرجي ته جيئن نه رڳو ڪانگريس ۾ وقت تي پهچي سگهن پر سفري پريشانين کان به بچي سگهجي. اهڙيءَ طرح بين سيني شعبن جي حوالي سان وقت کان اڳ منصوبابندي ڪم کي وڌيڪ منظم ۽ مؤثر بڻائي سگهندي.

سينٽرل ڪميٽيءَ جي سليٽ مرڪزي سيڪريٽريٽ طرفان ڪانگريس ۾ پيش ڪئي ويندي، جيڪا ريجنل ۽ مرڪزي ڪميٽيءَ جي مشاورت سان ٿيندي. هن سليٽ ۾ ترميمون يا متبادل سليٽ ريجنل ڪميٽي ذريعي سينٽرل سيڪريٽريٽ ڏانهن موڪلي سگهجي ٿي.

ڪانگريس لاءِ مبصرن جا نالا اڳ ۾ ترتيب ڏنا ويندا ۽ منظوريءَ لاءِ مرڪزي سيڪريٽريٽ ڏانهن موڪليا ويندا. انهن ماڻهن جي ڪانگريس ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو مرڪزي سيڪريٽريٽ ريجنل ڪميٽيءَ جي مشوري سان ڪندو.

صرف اهي ماڻهو ڪانگريس ۾ حصو وٺڻ لاء هال ۾ داخل ٿيڻ جي قابل هوندا جن جا نالا ريجن منظوريءَ لاءِ مرڪز ڏانهن موڪليا هوندا ۽ مرڪز طرفان جن جي اجازت هوندي.

سڀ ڪامريڊ 6 ڊسمبر جي شام تائين لاهور پهچي وڃن. آمد و رفت جو ڏينهن، تاريخ ۽ وقت سميت ٽرانسپورٽ جا مڪمل تفصيل پهرين ڊسمبر تائين سينٽر تائين پهچڻ گهرجن ته جيئن ڪامريڊن جي

استقبال ۽ رهائش جا انتظام مڪمل ٿي سگهن ۽ ڪانگريس لاءِ ايندڙ ڪامريڊن ۽ ميزبانن جي گڏيل تعاون سان هڪ ڀرپور ڪانگريس ڪرڻ ممڪن بڻائي سگهجي.

ڪنهن به مسئلي جي صورت ۾ ڪامريڊ ان جي رپورٽ سڪيورٽي ڪميٽي جي ميمبرن کي ڏيندا ۽ نظم و ضبط ڏيکاريندا ته جيئن هال اندر ڪارروائيءَ ۾ ڪو خلل نه پوي.

سڀئي ريجن ۽ ايريا سيڪريٽري ڪانگريس جي قاعدن ۽ ضابطن کي برانچن تائين پهچائيندا ته جيئن ڪانگريس ۾ شرڪت ڪندڙ سڀئي ميمبر، نمائندا ۽ مبصر ڪانگريس ۾ مڪمل نظم و ضبط سان گڏوگڏ انتظامي ڪميٽين سان مڪمل تعاون ڪن.

موجوده عالمي ۽ ملڪي صورتحال جي پس منظر ۾ تاسيسي ڪانگريس جي اهميت سڀني ميمبرن تي واضح آهي. ان ڪان علاوه ٻين ملڪن ۾ اسان جا دوست ۽ اسان جا دشمن به اسان جي ڪانگريس تي نظر رکيون وينا آهن. هن ڪانگريس ۾ ٿيندڙ بحث وڏي اهميت رکن ٿا. فلسطين ۾ اسرائيلي ظلمن سڄي دنيا جي حساس دلين کي متاثر ڪيو آهي ۽ هاڻي اهو انتشار ۽ خونريزي سڄي وچ اوڀر ۾ پکڙجي رهي آهي. اهڙيءَ ريت عالمي مالياتي بحران سڄي دنيا سان گڏ پاڪستان جي پورهيت طبقي جي شعور کي به متاثر ڪري رهيو آهي. هتان جون سموريون سياسي پارٽيون به بي نقاب ٿي ويون آهن ۽ عوام انهن جو خوفناڪ چهرو ڏسي چڪو آهي. اسٽيبلشمينٽ جو عوام دشمن ڪردار به ڪنهن کان لڪيل ناهي. اهڙي صورتحال ۾ نئين انقلابي پارٽيءَ جو قيام ملڪ جي سياسي تاريخ ۾ هڪ اهم بنياد آهي. نئين نظريي ۽ فڪر ۽ نئين انقلابي پارٽيءَ جي گهرج جيتري اڄ آهي ايتري ڪڏهن به نه هئي. اهڙين حالتن ۾، هن ڪانگريس جي ڪڏجاڻي ترقيءَ ڏانهن هڪ اهم وک آهي.

هن ڪانگريس ۾ هن ملڪ جي سياسي مستقبل جي حوالي سان هڪ اهم اوزار ناهيو ويندو. ايندڙ عوامي تحريڪن جو تجزيو ۽

تناظر پيش ڪيو ويندو ۽ گذريل سال جي تحريڪن مان سڪيل سبق تي بحث ڪيو ويندو. اهي سڀئي مرحلا طئي ڪري، هيءَ تاسيسي ڪانگريس ايندڙ انقلابي وهڪري جي رخ جو تعين ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. انهن سڀني پاسن کي نظر ۾ رکندي، اهو چوڻ غلط ناهي ته انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي تاسيسي ڪانگريس جو ڪامياب انعقاد هن ملڪ ۾ سوشلسٽ انقلاب جي منزل ڏانهن هڪ تاريخي قدم ثابت ٿيندو.

اسان ڪامياب ٿينداسين!

پاران: مرڪزي سيڪريٽريٽ

# ڪانگريس
# انقلابي ڪميونسٽ پارٽي

## ايجنڊا

**چنڇر** 7 **ڊسمبر** 2024

پهريون سيشن: عالمي تناظر
ٻيو سيشن : پاڪستان تناظر
ڪميشن: عورتن جو ڪم، اخبار ڪميونسٽ جي ڪئمپين

**آچر** 8 **ڊسمبر** 2024

ٽيون سيشن : انقلابي ڪميونسٽ پارٽي جو منشور ۽ آئين سي سي سليٽ، ووٽنگ

چوٿون سيشن : انقلابي ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي رپورٽ